# حضرت امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام

## جي زندگيءَ جو تحليلي جائزو



سنڌيڪار: خادم حسين الحسيني

ناشر: الهدیٰ فائونڊيشن پاڪستان

# انسانيت جا اعليٰ مثال

# حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام

## جي زندگيءَ جو تحليلي جائزو


سنڌيڪار

خادم حسين الحسيني



AL-Hoda Foundation Pakistan

الهديٰ فائونڊيشن پاڪستان

## جملي حق محفوظ آهن

ڪتاب جونالو ـــــ حضرت امام موسيٰ ڪاظم (ع) جي زندگيءَ جو تجزياتي جائزو

سنڌيڪار: ــــــــــــــــــــ خادم حسين الحسيني

تعداد: ــــــــــــــــــــ 500

ڇاپو: ــــــــــــــــــــ پهريون

تاريخ: ــــــــــ ربيع الاول 1435 هجري بمطابق جنوري 2014 ع

ڇپائيندڙ: ــــــــــــــــــــ الهديٰ فائونڊيشن پاڪستان

قيمت: ــــــــــــــــــــ 100/00 روپيه



## ☎ رابطي لاءِ: الهديٰ فائونڊيشن پاڪستان

پاڪستان: مدرسه امام مهدي (عج) علي پور ونگاٽي ضلع نوشهروفيروز سنڌ پاڪستان

فون نمبر: 00923337091796 00923002902203

ايران: مدرسه علميه حجتيه، خيابان حجتيه، قم، ايران فون نمبر: 00989371787409

برقي پتو: alhodafoundation@gmail.com , shiadost@gmail.com

ويب سائيٽ: http://www.shiadost.com

بسم الله الرحمن الرحيم

# فهرست


پيش لفظ ............................................................................. ١

امام صادق عليه السلام کانپوءِ امامت جو مسئلو ........................................ ١٠

امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام جي سياسي جدوجهد ...................................... ١٨

حسين بن علي "شهيد فخِ" جي تحريڪ ................................................. ٢٧

امام ڪاظم عليه السلام ۽ هارون الرشيد ............................................... ٢٩

روايتن جو پهريون قسم ............................................................ ٣٠

روايتن جو ٻيون قسم: ................................................................ ٣٣

حضرت امام حسنؑ ۽ حسين عليهما السلام جي رسول الله ﷺ جي فرزنديءَ جو مسئلو ............... ٣٦

روايتن جو ٽيون قسم ................................................................ ٤١

امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام جي گرفتاري ................................................ ٤٨

امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام جي شهادت ................................................ ٥١

امام عليه السلام جي شهادت ڪيئن ٿي؟ ان بابت ٿي مختلف روايتون ذڪر ٿيون آهن .............. ٥٢

امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام پاران عباسي حڪومت سان مقابلي جا ٻيا پهلوءَ ........................ ٥٤

عقائدي بحث ۽ علمي، سياسي مسئلا ................................................... ٥٩

حضرت امام موسىٰ ڪاظم (عليه السلام) جون چاليهه حديثون ................................. ٦٥

# پيش لفظ

آسمان امامت ۽ ولايت جي ستين ستاري، حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام جو دور شيعہ تاريخ جو انتهائي حساس زمانو شمار ٿئي ٿو جنهن ۾ عباسين جي حڪومت پوري عالم اسلام ۾ مستحڪم ٿي چڪي هئي ۽ سندن ظالمانہ چهرو سڄي دنيا اڳيان پوريءَ طرح بي نقاب ٿي چڪو هئو. ان زماني جي عباسي حاڪمن خاص ڪري هارون الرشيد جي حڪومت ۾ شيعيان حيدر ڪرار مٿان تمام ڏکيو وقت گذريو. جنهن ڪي اسان جي ستين امام مڙسيءَ سان منهن ڏنو ۽ هرقسم جا ظلم،ڏک ۽ مصيبتون سهي مسلمانن جي صحيح راهہ ۽ حق جي واٽ ڏانهن راهنمائي ڪئي .

ان دور ۾ هڪ طرف جتي امام جعفر صادق عليہ السلام جي شهادت ڪانپوءِ شيعا قوم امامت جي مسئلي تي اندروني خلفشار جو شڪار هئي، اتي اسلامي دنيا مٿان شيعت جي وڌندڙ اثر و رسوخ پڻ وقت جي حاڪمن کي خوفزده ڪري ڇڏيو هئو ،جنهن جي تلافي ڪندي ۽ شيعن جي طاقت کي ڪنترول ڪرڻ لاءِ حڪمرانن طرفان مختلف قسمن جا هٿڪنڊا استعمال ڪيا ويا . جنهن جو نتيجو، ستين امام ( ع) جي شهادت کان علاوهہ ٻين هزارين شيعن جي شهادت، جلاوطني، قيد ۽ زندان جي صعوبتن جي شڪل ۾ سامهون آيو.

اهڙي ڏکئي دور ۾ امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام جو ڪردار، تمام گهڻو حساس ۽ اهم شمار ٿئي ٿو، جن اهڙي سخت دور ۾ شيعت جي بهترين نموني رهبري ڪئي ۽ امامت جا سڀ فريضا تمام سهڻي نموني سان انجام ڏنا. جنهن جي نتيجي ۾ نہ فقط مذهب اهل بيت عليهم السلام کي بقا ملي بلڪ هزارين شيعن ۽ اهل بيت عليهم السلام جي حبدارن جي جان ،مال ،عزت ۽ آبرو محفوظ رهي. جڏهن تہ ان سان گڏوگڏ دين جي لباس ۾ منافقت جو نقاب اوڙهيل نام نهاد ليڊرن جو اصل چهرو بہ وائکو ٿي ويو ليڪن افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ سندن زندگيءَ خاص ڪري سندن سياسي ڪردار بابت تمام گهٽ

قلم کنيو ويو آهي جنهن ڪري ڪوڙ سارا انسان،خاص ڪري اسان جا ديني پائر ۽ مومنين ڪرام امام عليه السلام جي ان عظيم جدوجهد کان آگاهه نه آهن.

ان سلسلي ۾ حجت الاسلام والمسلمين جناب رسول جعفريان جي هڪ انتهائي اهم تحرير نظر مان گذري ، جنهن ۾ امام ڪاظم عليه السلام جي سياسي ڪردار ۽ سندن انجام ڏنل ڪارنامن تي هڪ تجزياتي نگاهه وڌي وئي آهي ۽ امام ( ع) جي عظيم جدوجهد کي بهترين نموني ذڪر ڪيو ويو آهي . هن مختصر ڪتاب ۾ اسان ان تحرير جو سنڌي ترجمو ڪري اوهان جي اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون.

جيتوڻيڪ اوهان کي هن ڪتاب جي روش، سوانح عمري بابت عام رواجي ڪتابن کان مختلف نظر ايندي، ليڪن تحقيق ۽ تجزياتي قلم جي سونهن هر جاءِ تي محسوس ٿيندي.

حجت الاسلام والمسلمين جناب رسول جعفريان جو شمار اسلامي دنيا جي بهترين تاريخدانن مان ٿئي ٿو جن اسلامي تاريخ جو مختلف حوالن سان تجزياتي مطالعو ڪيو آهي ۽ ڪيترن ئي ناياب موضوعن تي انتهائي اهم ڪتاب ۽ تحقيقي رسالا شايع ڪيا آهن.

ڪتاب جي آخري حصي ۾ بزرگ عالمن جي پيروي ڪندي امام عليه السلام جي انمول نصيحتن مان چاليهه املهه حديثون ترجمي سان گڏ ذڪر ڪيون اٿئون. هيءُ حديثون جتي امام ( ع) جي بيڪران علمي بحر جي گهرائيءَ جو ڏس ڏين ٿيون، اتي انسانيت لاءِ پڻ هڪ بهترين علمي اخلاقي درس پڻ آهن.

اميد آهي ته اسان جي هيءَ ننڍڙي ڪاوش حضرت باب الحوائج امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام جي دربار ۾ قبوليت جو درجو ماڻيندي ۽ آخرت ۾ سندن شفاعت جي نصيب ٿيڻ جو سبب ٿيندي.

والسلام

خادم حسين الحسيني

# باب پهريون

# حضرت امام موسىٰ كاظم

(عليہ السلام)

# جي سوانح حيات

تحرير : حجة الاسلام والمسمين رسول جعفريان

شيعن جو ستون امام حضرت موسىٰ ڪاظم عليه السلام آهي جنهن ڪي مسلمانن خاص ڪري شيعن، دشمنن جي مقابلي ۾ حلم، بردباري ۽ پنهنجي غصي کي ڪنٽرول ۾ رکڻ ڪري "ڪاظم" جو لقب ڏنو. سندن ولادت سن ١٢٨ هه ڌاري ابواء - مديني ۽ مڪي جي وچ ۾ موجود هڪ ڳوٺ - ۾ ٿي. جڏهن ته سندن شهادت ٢٥ رجب سن ١٨٣ هه ۾ بغداد جي هڪ زندان ۾ ظالم عباسي حڪمران هارون الرشيد جي هٿان ٿي. پاڻ مديني ۽ بغداد ۾ زندگي گذاريائون. سندن دور جي علوي سادات ۾ ڪو سندن برابري ڪرڻ وارو نه هئو. جڏهن ته علم، تقوىٰ، زهد ۽ پرهيزگاري ۾ ڪو سندن مٽ نه هئو.

شيخ مفيد سندن بابت لکي ٿو:

وَ كَانَ اَبُو الْحَسَنِ مُوسَىٰ عليه السلام اَعْبَدَ اَهْلِ زَمَانِهِ وَ اَفْقَهَهُمْ وَ اَسْخَاهُمْ كَفّاً وَ اكْرَمَهُمْ نَفْسا (امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام پنهنجي دور ۾ سڀني کان وڌيڪ عابد، عالم، سخي ۽ عزت وارا هئا.)[1]

طبرسي سندن باري ۾ لکي ٿو:

---

[1] - ارشاد /٢٧٧

كَانَ عليه السلام اَحْفَظَ النَّاسِ بِكِتَابِ اللهِ تَعَالَی ...وَكَانَ النَّاسُ بِالْمَدِينَةِ يُسَمُّونَہُ زَيْنَ الْمُجْتَهِدِينَ.[١] (پاڻ قرآن جا سيني کان وڌيڪ حافظ هئا....مديني جا ماڻهو کين مجتهدن جي زينت ۽ سونهن سڏيندا هئا.)

## ابن ابي الحديد سندن بابت لکي ٿو:

جَمَعَ مِنَ الْفِقْہِ وَ الدّينِ وَ النُّسُکِ وَ الْحِلْمِ وَ الصّبْرِ[٢] (سندن وجود ۾ فقاهت، ديانت، پرهيزگاري، صبر ۽ بردباري گڏجي ويا هئا.)

## مشهور مورّخ يعقوبي سندن بابت لکي ٿو:

وَ كانَ مُوسَي بْنُ جَعْفَرٍ مِنْ اَشَدّ النّاسِ عِبادَةً.[٣] (امام موسىٰ كاظم عليه السلام سيني ماڻهن کان وڌيڪ عبادت کندڙ هئا.)

## اهڙي نموني ابن عماد حنبلي شذرات الذهب ۾ لکي ٿو:

كانَ صالِحاً عابِداً جَواداً حَليماً كبيرَ الْقَدْر[٤] (پاڻ صالح، عبادتگذار،سخي، بردبار ۽ وڏي عظمت واري شخصيت هئا.)

## اهڙي طرح ابو حاتم کان نقل کري ٿو:

ثِقَةٌ اِمامٌ مِنْ اَئِمَةِ الْمُسْلِمينَ.[٥] (پاڻ عليه السلام قابل اعتماد ۽ مسلمانن جي سرواڻن مان هک سرواڻ هئا)

## يافعي چوي ٿو:

---

[١] - اعلام الورى ٢٩٨

[٢] - شرح نهج البلاغہ ج ١٥ ص ٢٧٣

[٣] - تاريخ يعقوبي ج ٢ ص ٤١٤

[٤] - شذرات الذهب ج١ ص ٣٠٤

[٥] - ساڳيو

( كانَ صالِحاً عابِداً جَواداً حَليماً..[1] پاڻ صالح، عبادتگذار، سخاوت مند، بردبارهئا.)

مشهور نسب شناس يحييٰ بن حسن بن جعفر لکي ٿو:

كانَ مُوسَي بْنُ جَعْفَرٍ يدعَيٰ الْعَبْدُ الصّالِحُ مِنْ عِبادَتِ وِ اجْتِهادِهِ.[2] (موسيٰ بن جعفر عليه السلام کي سندن عبات ۽ اجتهاد سبب صالح ٻانهو چيو ويندو هو.)

هيءُ جملا،هڪ فقط هڪ ننڍڙو مثال آهن ان ڪلام جو جنهن ذريعي شيعه سني مورّخن ۽ محدثن امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام جي وصف بيان ڪئي آهي .

استاد عطاري پنهنجي ڪتاب مسند الامام الڪاظم عليه السلام ۾ اهڙي قسم جا ڪيترائي جملا ذڪر ڪيا آهن.

امام جي صفتن مان سندن سخاوت ۽ ڪرم سڀني کان وڌيڪ مشهور هيون ايستائين جو ماڻهو سندن مثال ڏيندا هئا. ابن عنبہ ان بابت لکي ٿو:

وَ في كُمّهِ صُرَرٌ مِنَ الدَّراهِمِ فَيعْطي مَنْ لَقِيهُ وَ مَنْ اَرادَ بِرَّهُ وَ كانَ يضْرَبُ الْمَثَلُ بِصُرَّةِ مُوسَي. [3] سندن کيسي ۾ درهمن جو ٿيلهيون هونديون هيون جيڪي پاڻ هر ان شخص کي ڏيندا هئا جيڪو ساڻن ملندو هئو ۽ سندن عطا جو طلبگارهئو. ايستائين جو موسىٰ ڪاظم عليه السلام جي ٿيلهين جو مثال ڏنو وڃڻ لڳو.

سندن سخاوت انهن تائين بہ پهتي جيڪي کين تڪليفون ۽ اذيتون ڏيندا هئا سي بہ سندن عطا کان محروم نہ هئا. ان بابت ابن خلڪان،خطيب کان نقل ڪري ٿو :

---

[1] - مرآة الجنان ج ١٠ ص ٣٩٤

[2] - تهذيب التهذيب ج١ ص ٣٣٩

[3] - عمدة الطالب ص ١٩٦

وَ كانَ سَخِياً كَرِيماً وَ كانَ يبْلُغُهُ عَنِ الرَّجُلِ انَّهُ يؤذِيهِ فَيبْعَثُ اِلَيهِ بِصُرَّةٍ فيها اَلْفُ دينارٍ وَ كانَ يصُرُّ الصُّرَرَ ثَلٰثْمِاةِ دينارٍ وَ اَرْبَعَمِاةٍ دِينارٍ وَ مَأْتَي دينارٍ ثُمَّ يقَسّمُها بِالْمَدينَةِ [1] فَكانَتْ صِرارُ مُوسي مَثَلاً. [2]

پاڻ سخي ۽ ڪريم هئا،جڏهن ڪين خبر پوندي هئي تہ ڪو شخص ڪين تڪليف ڏيڻ چاهي ٿو تہ ان ڏي بہ هزار دينار واري ٿيلهي موڪليندا هئا. سندن ٿلهين ۾ هميشہ بہ سئو ،ٽي سئو ۽ چار سئو درهم هوندا هئا جيڪي پاڻ مديني جي ماڻهن ۾ تقسيم ڪندا هئا.ايستائين جو موسیٰ (ڪاظم عليه السلام) جون ٿيلهيون مثال بڻجي ويون.

ابوالفرج اصفهاني ڪين تڪليف پهچائيندڙ دشمنن ڪي امام جي عطا بابت هڪ تفصيلي روايت نقل ڪئي آهي جيڪا واقعا انسان ڪي تعجب ۾ وجهي ٿي. [3]

علم رجال جو مشهور سني عالم ذهبي امام ڪاظم عليه السلام جي باري ۾ لکي ٿو:

وَقَدْ كانَ مُوسي عليه السلام مِنْ اَجْوادِ الْحُكَماءِ وَ مِنَ الْعُبّادِ الْاَتْقِياءِ. [4] (موسیٰ ڪاظم عليه السلام وڏي سخي دانائن۽ پرهيزگار عابدن منجهان هئا)

سخاوت ۽ ڪرم ڪان علاوه امام (ع) جي ٻين صفتن مان سندن عبادت ۽ پارسائي بہ مشهور هئي. پاڻ سالن جا سال زندان ۾ گذاريائون ليڪن ان پوري

---

[1] - تاريخ بغداد ج ١٣ ص ٢٧ ۽ وفيات الاعيان ج ۵ ص ٣٠٨

[2] - ساڳيو

[3] - مقاتل الطالبين ص ٣٣٢

[4] -ميزان الاعتدال ج۴ ص ٢٠١

مدت ۾ الله سائينءَ جي عبادت ئي ڪندا رهيا. ايستائين جو زندانن جا داروغا بہ ڪين ڏسي متاثر ٿيا ۽ امام کي قيد ۾ رکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون .[1]

ان بابت هارون ربيع کي چيو : امَّا اِنَّ هَذا مِنْ رُهْبانِ بَني هاشِمٍ(بنوهاشم مان هيءُ شخص دنيا کان منهن موڙي چڪو آهي) ربيع کيس چيو: تہ پوءِ کيس قيد ۾ چو رکيو اٿئي؟هارون چيو: هَيْهات لا بُدَّ مِنْ ذلِکَ (افسوس جو ان کانسواءِ چارو ناهو) [2]

ستين صدي هجريءَ جو مورّخ ابن الوردي سندن گهڻي عبادت ڪرڻ بابت هڪ پلي ۽ قوي روايت نقل ڪئي آهي [3]

انهن پاڪ ۽ اخلاقي صفتن جي ڪري ماڻهن جي دلين ۾ سندن لاءِ تمام گهڻي محبت هئي، جيڪي سندن ڪرامتن جا قائل هئا. ان بابت ابن جوزي هڪ روايت نقل ڪئي آهي جنهن کي ابن حجر هيثمي پڻ ذڪر ڪيو آهي . جنهن جو خلاصو هيءُ آهي.

“شقيق بلخي سن ۱۴۹ھ ۾ حج جي سفر دوران امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام سان مليو ۽ بہ ٽي دفعا کو سوال ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين .امام ان جي دل ۾ موجود مقصد نہ فقط سمجهيو بلڪ ان کي قرآن جي هڪ آيت پڙهي ظاهر بہ ڪيو. ” [4]

---

[1] - مقاتل الطالبين ص ۳۳۲

[2] - عيون اخبار الرضا ج ۱ ص ۳۱

[3] - تتمة المختصر ج۱ ص ۲۱۰، مسند الامام الكاظم ج۱ ص ۴۲

[4] - صفة الصفوة ج ۲ ص ۱۰۳ ،صواعق المحرقة ص ۲۰۴

## امام صادق عليه السلام کانپوءِ امامت جو مسئلو

عام طور هڪ امام جي وڃڻ کانپوءِ ٻئي امام جي امامت بابت شيعن ۾ اختلاف هلندو رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته ڪڏهن ڪجهه سياسي مسئلا جهڙوڪ عباسي حڪمرانن جو خوف سبب ٿيندو هو جو اڳيون امام ڪيترن ئي شيعن کان ڳجهو رکيو وڃي. ڇاڪاڻ ته اهو امڪان موجود هو ته جيڪڏهن ڪنهن امام جي امامت جو اعلان واضح نموني ٿئي ته وقت جا حڪمران ان تي دٻاءُ آڻيندا ۽ ناحق سختيون ڪندا .

منصور عباسيءَ جي شيعن، خاص ڪري امام صادق عليه السلام سان کليل دشمني[١] سبب ٿي جو ڪجهه شيعا، اڳين امام بابت شڪ ۽ ٻڏتر جو شڪار ٿين. جڏهن ته امام صادق عليه السلام جي ڪجهه ٻين فرزندن جي امامت جي ناحق دعوىٰ ۽ (ڪجهه مفاد پرست ماڻهن جي) خود غرضي پڻ ان شڪ ۽ ٻڏتر جي واڌاري جو سبب بڻي. ان کان علاوه شيعن جو مختلف علائقن ۾ پري پري تائين پکڙيل هجڻ به سبب ٿيو جو ڪين،حقيقي امام بابت يقين حاصل نه ٿئي.

جڏهن ته ٻئي پاسي پنهنجي حقيقي جانشين کي حڪومت کان ڳجهو رکڻ خاطر امام صادق عليه السلام پنهنجي وصيّت ۾ پنهنجي ٻن فرزندن امام موسىٰ

[١] - امام صادق عليه السلام جي سياسي زندگيءَ ۽ منصور جي دشمنيءَ بابت ڏسو ڪتاب "سچو سرواڻ" تاليف: سيد علي خامنه اي (دم ظله)، سنڌيڪار : خادم حسين الحسيني

ڪاظم عليہ السلام ۾ عبدالله ڪان علاوه منصور عباسيءَ ڪي پنهنجو وصيّ مقرر ڪرڻ (بہ ان بڌتر جو مکيہ ڪارڻ شمار ٿئي ٿو). [1]

اهي سڀئي سبب جتي هر دور ۾ هر امام جي شهادت ڪانپوءِ شيعن جي مختلف گروهن ۾ تقسيم ٿيڻ باعث بڻيا آهن.ساڳئي طرح امام جعفرصادق عليہ السلام جي شهادت ڪانپوءِ بہ شيعن جي مختلف گروهن ۾ تقسيم ٿيڻ جو سبب بڻيا. امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام ڪان سندن هڪ صحابيءَ اهو جواز پيش ڪندي جانشيني جو سوال ڪيو تہ :

" ذَهَبَ النّاسُ بَعْدَ اَبي عَبْدِ اللهِ (عليہ السلام) يَميناً و شِمالاً.[2] امام صادق عليہ السلام ڪانپوءِ ماڻهو ڪي اتر تہ ڪي ڏکڻ طرف هليا ويا هئا .(تنهن ڪري توهان پنهنجي جانشين ڪان آگاه ڪريو).

امام صادق عليہ السلام جي دور جو هڪ بيو خاص مسئلو جنهن ڪي ڪجھ مطلبي ۽ خود غرض ماڻهن استعمال ڪيو، امام جي فرزند اسماعيل بن جعفر جو مسئلو هئو: ڇاڪاڻ تہ هو امام جو وڏو فرزند هئو تنهنڪري ڪيترن ئي شيعن اهو گمان پئي ڪيو تہ اسماعيل اڳيون امام ٿيندو ليڪن هو امام جي زندگيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو.

سندس موت جو ماڻهن ڪي يقين ڏيارڻ لاءِ امام صادق عليہ السلام تمام گهڻا جتن ڪيا، ليڪن ان جي باوجود ڪجھ ماڻهن امام صادق عليہ السلام ڪان بعد اسماعيل

---

[1] - الخرائج ص ۲۹۳، مسند الامام الڪاظم ج ۱ ص ۳۹۰

[2] - عيون اخبار الرضا ج۱ ص ۳۱

جي مهدي موعود هجڻ جي دعوىٰ ڪندي ۽ ڪجهہ ٻين بهانن سان باطنيہ اسماعيليہ ۽ ٻين نالن سان شيعن ۾ فرقا ناهيا.

اسماعيل بابت خاص ڳالهہ اها آهي تہ پيءُ ڪانپوءِ سندس امامت ۽ رهبريءَ جو مسئلو سياسي هئو. جنهن ۾ سندس وڏي پٽ هجڻ، اثر ڪيو . بالخصوص، ان ڪري بہ تہ امام صادقؑ پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏهاڙن تائين پنهنجي جانشين جو واضح اعلان نہ ڪيو.

جيتوڻيڪ هتي اهڙيون روايتون بہ موجود آهي جيڪي ٻڌائن ٿيون تہ شروع کان ئي ڪجهہ ماڻهن کي امام ڪاظم ؑ جي جانشينيءَ جي خبر پئجي وئي هئي.[1] اهي روايتون مختلف طريقن سان نقل ٿيون آهن، ان کان علاوهہ "حديث لوح" [2] ۾ پڻ امامن جي نالن جو درج هجڻ، امام ڪاظمؑ جي امامت جو دليل آهي.

ان جي باوجود بہ مٿي ذڪر ٿيل سببن جي ڪري اسماعيل پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي ايترو مشهور ٿي چڪو هئو جو ڪجهہ شيعن کي سندس جانشين ٿيڻ جو گمان هئو.

جيئن فيض [3] کان نقل ٿيل هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ:

---

[1] - اصول ڪافي ج ١ ص ٣٠٧ تا ٣٠٩

[2] - حديث لوح اها مشهور حديث آهي جيڪا هڪ تختيءَ تي لکيل هئي ،جيڪا رسول خدا (ص) امام حسين عليہ السلام جي ولادت تي پنهنجي پياري نياڻي فاطمہ زهرا (س) کي خوش ڪرڻ لاءِ هديي طور عطا ڪئي هئي . هن حديث ۾ ٻارنهن امام پاڪن جي نالن ۽ صفتن کي ذڪر ڪيو ويو آهي . ڏسو ڪتاب اصول ڪافي ج ١ ص ٥٢٨،٥٢٧ / بَابُ مَا جَاءَ فِي الِاثْنَيْ عَشَرَ وَ النَّصّ عَلَيْهِمْ عليهم السلام) (مترجم)

[3] - رجال ڪشي ص ٣٠٢

هڪ ڏينهن امام صادق عليه السلام وٽ وينو هئس تہ اتي پيش آيل ڪنهن عمل سبب امام واضح نموني چيو تہ اسماعيل سندن جانشين ناهي . فيض چوي ٿو تہ امام کي عرض ڪيم: اسان کي يقين هئو تہ ماڻهو توهان کان پوءِ سندس ئي پويان ويندا . روايت ۾ اڳتي اچي ٿو تہ امام پنهنجي پٽ موسىٰ ڪاظم عليه السلامجي جانشين هجڻ جو اعلان ڪيو.[1]

طبري اسحاق بن عمار صيرفي کان روايت ڪري ٿو تہ :

امام صادق عليه السلام کي سندن وجڻ کانپوءِ اسماعيل جي امامت بابت اشارو ڪيم تہ پاڻ انڪار ڪيائون.[2]

هڪ ٻي روايت ۾ وليد بن صبيح امام کي عرض ڪيو:

عبدالجليل مون کي چيو آهي تہ توهان اسماعيل کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو آهي.امام ان جو انڪار ڪيو ۽ امام ڪاظم عليه السلام جي جانشيني جو اعلان ڪيائون[3]

ان ئي سبب جي ڪري امام صادق عليه السلام اسماعيل جي فوت ٿيڻ کانپوءِ وڏا جتن ڪيا تہ جيئن سندن شيعا ان جي موت جو يقين پيدا ڪن. ڇاڪاڻ تہ سندس زندهہ هجڻ جي سوچ ۽ سندس مهدي موعود هجڻ جي عقيدي پيدا ٿيڻ سبب – جيڪو ڪجهہ غالين ۾ مشهور ٿي ويو هئو- شيعن ۾ هڪ نئين فرقي جي پيدا ٿيڻ جو خطرو پيدا ڪري پيو . تنهنڪري امام (ع) جو اسماعيل جي موت تي اصرار ان خطري کان بچڻ جي هڪ ڪوشش هئي.

---

[1] - الغيبة ،نعماني ص ٣٢٤

[2] - ساڳيو ص ٣٢٦

[3] - بحار الانوار ج٤٨ ص ٢٥

هڪ روايت ۾ زراره کان نقل ٿيو آهي (ظاهرا هيءَ روايت اسماعيل جي فوت ٿي وڃڻ واري وقت سان مربوط آهي):

هڪ ڏينهن امام صادقؑ جي خدمت ۾ هئس ته امام حڪم ڏنو ته داود بن ڪثير رقي، حمران، ابوبصير، مفضّل بن عمر کي وٺي اچان. جڏهن اهي آيا ته انهن جي پويان ٻيا به ماڻهواتي پهچي ويا ۽ جڏهن موجود ماڻهن جو انگ ٣٠ ٿي ويو ته امام فرمايو:

" يا داوُدَ اِڪشَفْ لي عَن وَجهِ اِسماعيلَ. (اسماعيل جي چهري تان پردو هٽاءِ) جڏهن پردو هٽايائين ته امام پڇيس: يا داوُدُ اَحَيٌّ هُوَ اَوْ مِيِّتٌ.(ڇا هوزنده آهي يا فوت ٿي ويو آهي؟) دائود چيو ته فوت ٿي چڪو آهي . پوءِ اتي موجود سيني ماڻهن اسماعيل کي ڏنو ۽ شاهدي ڏني.امامؑ ساڳيو عمل ٻيهر دهرايو.وري جڏهن سندس جنازوڪٽي قبرستان پهتا ۽ قبر ۾ لاهين پيا ته امام کين روڪيو ۽ هڪ دفعو ٻيهر اسماعيل جي وفات جي سيني کان شهادت ورتي ۽ پوءِ موسیٰ ڪاظمؑجي امامت جو اعلان ڪيو" [1]

شيخ مفيد چوي ٿو:

و رُوِي اَنَّ اَبا عَبْدِاللهِ جَزِعَ عَلَيهِ جَزَعاً شَديداً وَ حَزَنَ عَلَيهِ حُزْناً عَظيماً وَ تَقَدَّمَ سَريرُه بِغَيرِ حِذاءٍ و لا رِداءٍ وَ اَمَرَ بِوَضْعِ سَريرِهِ عَلَي الْاَرْضِ قَبْلَ دَفْنِهِ مِراراً ڪَثيرَةً وَ ڪانَ يڪْشِفُ عَنْ وَجْهِهِ وَ يَنْظُرُ اِلَيهِ يريدُ بِذالِڪ تَحْقيقَ اَمْرِ وَفاتِهِ عِنْدَ الظّانّينَ خِلافَتَهُ لَهُ مِنْ بَعْدِهِ و اِزالَةَ الشُّبْهَةِ عَنْهُم في حَياتِهِ.[2]

[1] - الغيبة ،نعماني ص ٣٢٨

[2] - ارشاد ص ٢٦٧

نقل ٿيو آهي تہ امام صادق عليه السلام اسماعيل جي وفات تي تمام گهڻو غمگين هئا ۽ تمام گهڻو گريو ڪيائون. پاڻ پيرئين اگهاڙي تابوت جي اڳيان اڳيان ٿي هليا ۽ ٻہ ٽي دفعا حڪم ڏنائون تہ تابوت کي زمين تي رکو پوءِ ڪفن کولي سندس چهري ڏانهن پئي ڏٺائون.(شايد) ان عمل ذريعي انهن ماڻهن کي اسماعيل جي موت جو يقين ڏيارڻ پئي چاهيائون، جيڪي کيس پيءُ جو جانشين سمجهن پيا. تہ جيئن ان وهم کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي ختم ڪري ڇڏين.

هڪ ٻئي روايت جيڪا جانشينيءَ بابت ڪجهہ شيعن جي شڪ ۽ ٻڌ تر جو هڪ نمونو ٻڌجي سگهي ٿي هشام بن سالم جي هيءَ روايت آهي:

" مومن طاق سان گڏ مديني ۾ هئاسين جو ڏٺوسين تہ ڪجهہ ماڻهو امام صادق عليه السلام جي فرزند عبدالله جي گهر ۾ گڏ ٿيا آهن.اسان بہ عبدالله کان زڪوات بابت ڪجهہ مسئلا پڇياسين جن جا هن صحيح جواب نہ ڏنا ،تہ اسان اٿي ٻاهر آياسين. اسان پريشان هئاسين تہ (هاڻي ڪيڏانهن وڃون؟) مرجئہ، قدريہ، زيديہ، معتزلہ ۽ خوارج وغيره مان ڪهڙي فرقي کي قبول ڪريون. ان دوران هڪ اڻ واقف پوڙهو شخص آيو (۽ اسان کي گڏ هلڻ جو چيائين) جنهن بابت گمان ڪيوسين تہ منصور جي انهن جاسوسن مان هڪ آهي جيڪي امام صادق عليه السلام جي شيعن کي سڃاڻڻ لاءِ جاسوسي ڪندا هئا . ليڪن اسان جي توقع جي برخلاف هواسان کي امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام جي گهر وٺي هليو. اسان اتي ئي هئاسين جو فُضَيل ۽ ابوبصير آيا ۽ امام کان سوال ڪيائون ۽(صحيح جواب ملڻ جي صورت ۾) سندن امامت جو يقين پيدا ڪيائون . پوءِ تہ هر پاسي کان گروهن جي صورت ۾ ماڻهو سندن

خدمت ۾ پئي آيا، سواءِ عمار ساباطي جي گروهه جي،جيڪي عبدالله بن جعفر جي امامت جا قائل هئا.” [١]

هن روايت مان خبر پوي ٿي ته شيعه اهڙي قسم جا ماڻهو نه هئا جيڪي بغير تحقيق جي هر ڪنهن جي امامت کي قبول ڪري وٺن بلڪه هو پهريان تحقيق ڪندا هئا ، خاص سوال پڇي ڪري سندس علمي حيثيت جاچيندا هئا. ۽ يقين حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ سندس امامت تي ايمان آڻيندا هئا. هن روايت مان هشام،فضيل ۽ ابو بصير جي باري ۾ شيعن جي تحقيق واري ان خاصيت کان علاوه شيعن مٿان منصورعباسيءَ جي تمام گهڻي سختيءَ جي چڱي طرح خبر پوي ٿي.

شيعن عبدالله بن جعفر ـ جيڪو عبدالله افطح جي نالي سان مشهور هئو جڏهن ته سندس پيروڪارن کي فطحيه به چوندا آهن[٢] ـ کان نماز ۽ زڪوات جي حلال ۽ حرام ڪمن بابت،ڪجهه مسئلا پڇي ڪري ڪيس آزمايو ۽ علمي لياقت نه هجڻ ڪري ڪائنس منهن موڙي ڇڏيو.

ان ڳالهه کي نوبختيءَ “فرق الشيعه” [٣]۾ پڻ ذڪر ڪيو آهي . نوبختيءَ ان روايت ۽ اهڙين ٻين روايتن ۾ اشارو ڪيو آهي ته عبدالله افطح عقيدتي لحاظ کان مرجئه فرقي ڏانهن مائل هئو.[٤]

---

١ - اصول ڪافي ج ١ ص ٢٥٣،الخرائج والجرائح ص ٢٩٧

٢ - هن فرقي جا ٻيا به نالا ذڪر ٿيا آهن ڏسو ڪتاب فرق الشيعه ص ٧٧

٣ - فرق الشيعه ص ٧٨،٧٧

٤ - الفصول المختاره ص٢٥٣

نوبختي امام صادق عليه السلام جي شهادت کانپوءِ شيعن جي ڇهن فرقن ۾ تقسيم ٿيڻ کي هيٺينءَ ريت بيان ڪري ٿو.

١. جيڪي خود امام صادق عليه السلام جي مهدي موعود هجڻ جا معتقد هئا

٢. اسماعيليہ خالصہ جيڪي اسماعيل جي زندهہ هجڻ جا معتقد هئا

٣. جيڪي اسماعيل جي پٽ محمد جي امامت جا معتقد هئا [1]

٤. جيڪي محمد بن جعفر المعروف "ديباج" جي امامت جا معتقد هئا

٥. جيڪي عبدالله افطح جي امامت جا معتقد هئا

نوبتي ان مسئلي جي علت بيان ڪندي لکي ٿو :

شيعا پهريان هن حديث: الامامة في الاكبرمن ولد الامام (امامت تي حق، امام جي وڏي پٽ جو آهي) جي بنياد تي عبدالله وٽ ويا. ليڪن جڏهن هو سندن سوالن جا جواب نہ ڏئي سگهيو تہ ڪيس ڇڏي ڏنائون. شروع شروع ۾ ڪيترائي وڏا وڏا شيعا رهنما عبدالله وٽ ويا هئا. عبدالله ،امام جعفر صادق عليه السلام جي شهادت کان ٧٠ ڏينهن پوءِ گذاري ويو. جڏهن تہ ڪيس ڪو پٽ جو اولاد بہ نہ هئو تنهن ڪري سندس پيروڪار ان جي امامت تان هٿ ڪڍي امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام ڏانهن موٽي ويا.

٦. جيڪي امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام جي امامت جا معتقد هئا .

---

[1] - شيخ مفيد انهن ماڻهن جو انگ ٿورو ڄاڻايو آهي جيڪي محمد بن اسماعيل جي امامت جا قائل هئا. الفصول المختاره ص٢٥٢

شيعن مان هشام بن سالم،عبدالله بن يعفور[1]،عمر بن يزيد بيّاع السابري،محمد بن نعمان، مومن طاق، عبدالله بن زراره، جميل بن درّاج، ابان بن تغلب [2] ۽ هشام بن حڪم جيڪي بزرگ شيعہ عالم،فقيہ شمار ٿين پيا،حضرت امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام جي امامت جا معتقد هئا. فقط ٻہ ماڻهو هئا جيڪي سندن امامت جا قائل نہ ٿيا هڪ عبدالله بن بڪير بن اعين ٻيو عمار بن موسیٰ الساباطي.[3]

مرحوم طبرسيءَ پڻ پنهنجي ڪتاب اعلام الوریٰ ۾ امام صادق عليہ السلام جي شهادت ڪانپوءِ شيعن ۾ پيدا ٿيل فرقن کي انهن جي پيدائش جي سببن کي دليلن سان ذڪر ڪيو آهي [4]

## امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام جي سياسي جدوجهد

امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام جنهن دور ۾ زندگي گذاري رهيا هئا سو عباسي حڪمرانن جي ظلم ۽ ڏاڍ ڀري حڪومت جي پهرئين مرحلي جو حصو هئو. عباسين ڪجهہ ئي عرصو پهريان اهلبيت عليهم السلام جي نالي تي حڪومت جي واڳ سنڀالڻ وقت عام ماڻهن، خاص ڪري شيعن سان سٺو ورتاءُ پئي ڪيو. ليڪن جڏهن سندن حڪومت مضبوط ٿي ۽ ان تي سندن قبضو مستحڪم ٿيو ۽

---

١ - گمان اهو آهي اهي ٻئي اڳواٽ ئي فوت ڪري ويا هئا

٢ - گمان اهو آهي اهي ٻئي بہ اڳواٽ ئي فوت ڪري ويا هئا

٣ - فرق الشيعہ ص٧٩

٤ - اعلام الوریٰ ص ٢٨٨

ٻئي پاسي ڪان وري مختلف علائقن ۾ شيعہ بغاوتن ڪر ڪنيو تہ ڪين خطرو محسوس ٿيو ۽ هنن ظلم ۽ ڏاڍ جي راهہ اپنائي ۽ مخالفن تي تمام گهڻيون سختيون ڪيائون.ايستائين جو پنهنجي ويجهن ساٿين جهڙوڪ عبدالله بن علي ـ جيڪو سفاح جي جانشينيءَ جو اميدوار هئو ـ ۽ ابو مسلم خراسانيءَ کي بہ قتل ڪري ڇڏيائون.

منصور ڪيترن شيعن کي شهيد ڪرايو جڏهن تہ ٻيا ڪيترائي ماڻهو سندس جيلن ۾ فوت ٿي ويا.[۱]

اهي سختيون امام جعفر صادقؑ جي دور کان شروع ٿيون ۽ امام رضا ؑ جي دؤر تائين ـ جيڪو مامون جي حڪمرانيءَ جو زمانو هئو ـ پنهنجي عروج تي پهتيون. جيتوڻيڪ مامون جي زماني ۾ ماڻهن کي ڪجهہ سڪون نصيب ٿيو،ليڪن جلد ٻيهر حڪومت طرفان سختين جو آغاز ٿي ويو. امام محمد باقر ۽ امام جعفر صادق عليهما السلام طرفان عقيدتي ميدان فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ اهو گمان ڪيو پيو وڃي تہ اها علمي، ثقافتي تحريڪ، هڪ عظيم سياسي انقلاب جي شڪل وٺندي جنهن جي نتيجي ۾ عباسي حڪمرانن طرفان ڌمڪيون ۽ سختيون ملڻ شروع ٿي ويون.

اهڙي حساس دؤر ۾ حضرت امام موسیٰ ڪاظم ؑ هڪ طرف انهن سختين ۽ تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا هئا تہ ٻئي پاسي هڪ عظيم ذميواري سندن

---

[۱] - تاريخ فخري ص ۲۲۱م۲۲۲ ، ترجمہ گلپايگاني

ڪلهن تي هئي. جنهن جو هڪ ننڍڙو حصو، شيعن جي هدايت ۽ حفاظت هئي. جڏهن ته جيڪڏهن پاڻ رڳو شيعن کي صحيح نموني سان گڏ ڪري انهن جي راهنمائي ڪرڻ ڪانسواءِ پيو ڪجهه به نه ڪن ها تڏهن به سندن اهو ئي ڪم عباسي حڪمرانن لاءِ وڏو خطرو حساب ٿئي پيو.

امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام پيءُ جي شهادت ڪان پوءِ سن ١٤٨ ھ ڪان ١٨٣ھ يعني سندن شهادت جي سال تائين (تقريبا ٣٥ سال) امامت جي واڳ سنڀالي. ان دوران، سن ١٥٨ھ تائين منصور،سن ١٦٩ھ تائين منصور جي پٽ مهدي،١٧٠ھ تائين هاديءَ حڪومت ڪئي (جنهن ڪانپوءِ هارون رشيد حڪومت تي آيو).

جيئن ته پهريان به ٻڌائي چڪاسين ته امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام جو دؤر شيعن لاءِ تمام ڏکيو ۽ ڏکيو زمانو هئو. جنهن ۾ عباسين خلاف مختلف شيعه تحريڪون هليون جن ۾ مکيه هاديءَ جي حڪومت ۾ حسين بن علي "شهيد فَخ " جي تحريڪ ۽ هارون جي زماني ۾ عبدالله جي فرزندن يحییٰ ۽ ادريس جي تحريڪ آهي.

تاريخي ۽ حديثي ڪتابن ۾ عباسي حڪمرانن جي امام ڪاظم عليه السلام سان مختلف ورتائن کي بيان ڪيو آهي جنهن ۾ اهم هارون رشيد جو ورتاء آهي. اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته شيعن جي سيني امامن جي هميشه اها ئي ڪوشش رهي ته تقيو ڪن ۽ ڳجهي نموني پنهنجي شيعن جي رهنمائي ڪندا رهن. ظاهر آهي ته اها ڳالهه باعث بڻي جو سندن سياسي جدوجهد جي ڇڳيءَ

طرح خبر نہ پوي ۽ سندن جدوجهد جو عميق ۽ گهرائي سان تجزيو نہ ڪري سگهجي.

اهڙي ڳجهي راهنمائي جي قدر و قيمت جو "قطعي دليل" ان مذهب جو ايترو تہ قوي ٿيڻ آهي جو (تمام سختين ۽ تڪليفن باوجود) اڳتي هلي اسلامي معاشري جي ٻن اصلي ڌڙن مان هڪ شمار ٿيڻ آهي (جنهن ۾ امام موسىٰ ڪاظم عليہ السلام جو نمايان ڪردار آهي).

ان تحريڪ جي اڳواڻي ۽ اها دانائي جيڪا ان تحريڪ جي راهنمائي ۾ڪتب آندي وئي وسارڻ جوڳي ناهي. تاريخ ۾ ذڪر ٿيل واقعا ۽ اها پوري طاقت ۽ زور جيڪو هارون رشيد پنهنجي تمام ظاهري منافقت باوجود ـ جنهن ذريعي هارون اهو پئي ڏيکارڻ چاهيو تہ هن امام(ع) کي قتل ناهي ڪيو يا اصلا امام (ع) قتل ٿيو ئي ناهي ـ امام ڪاظمؑ جي قتل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو، ان عظيم خطري جي نشاني آهي جيڪو امام طرفان پنهنجي حڪومت لاءِ هن محسوس پئي ڪيو. جڏهن تہ هارون ڪليو ڪلايو اعتراف بہ ڪيو هئو تہ امام خلاف ڪيس ڪو ثبوت ناهي مليو.

هتي اسان عباسي حڪمرانن طرفان امام سان ٿيل ورتاء کي نقل ڪندي ڪوشش ڪنداسين تہ امام جي سياسي جدوجهد ۽ ان جي اهميت کي اجاگر ڪريون.

ابن شهرآشوب پنهنجي ڪتاب ۾ امام موسىٰ ڪاظم ؑ سان منصور جي ورتاءَ بابت لکي ٿو:

منصور امام کي چيو تہ عيد نوروز جي موقعي تي هڪ محفل ۾ سندن طرفان شرڪت ڪري ۽ جيڪي تحفا آندا وڃن سي منصور پاران وٺي تہ امام جواب ۾ ڪيس چيو:

اِنّي قَدْ فَتّشْتُ الْاَخبارَ عَنْ جَدّي رَسُولِ اللهِ(صلى الله عليه وآله وسلم) فَلَمْ اَجِدْ لِهذَا الْعيدِ خَبَراً اِنَّہُ سُنَّۃٌ لَلْفُرْسِ وَ مَحاهَا الْاِسلامُ وَ مَعاذَاَللهِ اَنْ نُحْيي ما مَحاهُ الاسلامُ.[1]

مون پنهنجي نانا رسول الله (صلى الله عليه وآله وسلم) جي حديثن ۾ تحقيق ڪئي آهي ليڪن هن عيد جي باري ۾ ڪابہ روايت نہ ملي .هيءَ ايرانين جي عيد آهي جنهن کي اسلام ختم ڪيو آهي. خدا ڪان پناهہ گهران ٿو جو ان شيءِ کي وري زنده ڪيان جنهن کي اسلام ختم ڪيو آهي.

منصور جواب ۾ چيو"سياسة للجند" اهو ڪم جنگي مصلحت خاطر پيو ڪري.

ڇاڪاڻ تہ منصور جي لشڪر جا اڪثر سپاهي ايراني هئا جيڪي ان عيد جي مناسبت سان ڪيس تمام گهڻا تحفا ڏيندا هئا ۽ ان طريقي سان تمام گهڻو مال دولت سندس خزاني ۾ ايندو هئو _ جڏهن تہ منصور جي ڪنجوسي بہ مشهور هئي _ تنهنڪري امام(ع) مجبور ٿيا جو ان ڏينهن منصور طرفان ان محفل ۾ شريڪ ٿئي ۽ سپاهين کان تحفا وٺي.

جيتوڻيڪ امام جو جواب هڪ اهڙي حقيقت کي بيان ڪري پيو جنهن ڏانهن ڌيان ڏيڻ اسان جي لاءِ تمام گهڻو فائديمند آهي.

---

[1] - مناقب ج۲ ص ۳۷۹ ، مسند الامام الڪاظم ج ۱ ص ۵۲،۵۱

ان ڪانپوءِ مهدي عباسيءَ جي ڏهہ سالہ حڪومت جي زماني ۾ امام عليہ السلام درس ڏيڻ، حديثن جي بيان ڪرڻ ۽ ڪڏهن وري پنهنجي ڳجهي جدوجهد ۾ مشغول هئا. ان دوران تاريخ ڪجهہ اهم واقعا ذڪر ڪيا آهن.

جن ۾ سڀني کان وڌيڪ اهم واقعو - جنهن کي مشهور مورّخن جهڙوڪ ابن اثير، خطيب بغدادي، ابن خلڪان ۽ شيعا راوين بہ ذڪر ڪيو آهي - امام عليہ السلام کي گرفتار ڪري زندان ۾ وجهڻ ۽ پوءِ بغداد ۾ آزاد ڪرڻ آهي.

“مهدي عباسي جنهن کي شايد امام (ع) جي سخاوت ۽ ڪرم ڊيڄاري ڇڏيو هئو، تنهن گمان پئي ڪيو تہ امام(ع) وڏو مال ۽ دولت گڏ ڪئي آهي، جنهن کي هو شيعن کي گڏ ڪرڻ ۽ طاقت وٺرائڻ تي خرچ ڪري رهيو آهي. سو هن مديني جي گورنر کي حڪم ڏنو تہ امام عليہ السلام کي گرفتار ڪري بغداد روانو ڪري. مهدي امام عليہ السلام کي زندان ۾ وجهي ڇڏيو، ليڪن رات جو خواب ۾ حضرت علي بن ابي طالب عليہ السلام کي ڏٺائين جيڪو کيس چئي رهيو هئو:

فَهَلْ عَسَيتُمْ اِنْ تَوَلَّيتُمْ اَنْ تُفْسِدُوا فِی الْاَرْضِ وَ تَقَطَّعُوا اَرْحامَکُم؟ [1]

ڇا توهان حڪومت حاصل ڪري زمين تي فساد ڦهلائڻ چاهيو ٿا ۽ پنهنجي رشتيداريءَ واري رابطي کي ختم ڪرڻ چاهيو ٿا؟

مهدي خواب مان جاڳي پيو ۽ ان ئي لمحي پنهنجي دربان ربيع کي حڪم ڏنائين تہ امام ڪاظم عليہ السلام کي وٽس وٺي اچي. جڏهن امام عليہ السلام آيا تہ کين پنهنجي پاسي ۾ ويهاري ٻڌايائين تہ حضرت علي عليہ السلام کي خواب ۾ ڏٺو اٿائين جنهن مٿين

[1] -سوره محمد آيت ۴٧

آيت پئي پڙهي، پوءِ امام کان سوال ڪيائين:اَفَتُؤَمّنُني اَنْ لا تَخْرُجَ عَلَيَّ اَوْ عَلي اَحَدٍ مِنْ وُلْدي؟

ڇا مون کي پڪ ڏين ٿو ته مون تي يا منهنجي اولاد خلاف بغاوت نه ڪندين؟

امام فرمايو: وَاللهِ ما فَعَلْتُ ذلِکَ و لا هُوَ مِنْ شَأني. خدا جو قسم! نه اهو ڪم مون ڪيو آهي ۽ نه ئي اهو ڪم منهنجي شان وٽان آهي.

خليفي امام جي ڳالهين جي تصديق ڪندي ڪيس ٽي هزار درهم ڏنا ۽ ساڻن اهڙو سلوڪ ڪيو جو امام ڪائنس راضي ٿي واپس وڃي، ۽ پوءِ ڪين مديني موڪلي ڇڏيائين.[١]

اهڙو ئي هڪ واقعو هارون جي دور ۾ به امام عليه السلام سان پيش آيو جيڪو اڳتي هلي بيان ڪنداسين.

امام ڪاظم عليه السلام جي دور ۾ پيش آيل غير معمولي واقعن جو تعداد ٻين امام جي ڀيٽ ۾ - سواءِ حضرت علي عليه السلام جي - تمام گهڻو آهي ايستائين جو اهل سنت جي ڪتابن ۾ به ان جو ذڪر ملي ٿو .

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته امام عليه السلام مهدي عباسي وٽ ويا ڏٺائون ته هو ماڻهن کان ڪسيل شيون واپس ڪري رهيو آهي. امام عليه السلام اهو ڏسي ڪيس چيو :

---

[١] - حياة الامام موسى بن جعفرج١ ص٤٥٤، تاريخ بغداد ج ١٣ ص ٣٠ ،وفيات الاعيان ج٥ ص٣٠٨

اهو حق جيڪو اسان کان ظلم جي ذريعي کسيو ويو آهي، واپس نہ ٿو ڪرين؟

مهديءَ پڇيو : ڇا جي باري ۾ ڳالهہ ٿا ڪريو؟ امام عليه السلام فدڪ جي واقعي کي هن طرح بيان ڪيو:

فدڪ ! ڇاڪاڻ تہ (ما لَمْ يُوجِفُ عَلَيْهِ خَيْلٌ وَ لا رِكابٌ ) جي دائري ۾ اچي ٿو ، تنهنڪري رسول الله صلي الله عليه وآله جي ذاتي ملڪيت حساب ٿئي پيو. جيڪا پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله پنهنجي پياري نياڻي فاطمہ عليها السلام کي ڏني هئي . سندن رحلت ڪانپوءِ حضرت علي،امام حسن ۽ حسين عليهما السلام ۽ ام ايمن جي گواهيءَ سبب ابوبڪر راضي ٿي ويو هئو تہ فدڪ حضرت فاطمہ عليها السلام کي واپس ڏئي ليڪن ٻئين خليفي ان جي مخالفت ڪئي.

مهديءَ چيو تہ فدڪ جون حدون ٻڌاءِ تہ موٽائي ڏيانءِ . امام حدون ٻڌايون تہ خليفي چيو (هذا ڪثير فانظُرُ فيہ) [١] اها تہ تمام وڏي ملڪيت آهي مان سوچيان!

ظاهر آهي تہ مهدي هرگز اهو ڪم نہ ڪري ها ، ڇاڪاڻ تہ ايتري وڏي دولت جو امام ڪاظم عليه السلام جي هٿ ۾ اچڻ، سندس حڪومت جي لاءِ تمام گهڻا خطرا پيدا ڪري ها.

مهدي ڪانپوءِ سندس پٽ موسىٰ هادي،حڪومت سنڀالي ليڪن هڪ سال کان وڌيڪ زنده نہ رهيو. ان جي زماني ۾ ئي حسين بن علي "شهيد فخ" قيام ڪيو ۽ شهيد ٿي ويو. جڏهن سندس سر هاديءَ لاءِ آندو ويو تہ هن ڪجهہ شعر پڙهيا جنهن ۾ "طالِبين"[٢] جي رشتي ختم ڪرڻ کي ذڪر ڪيائين ۽ پوءِ امام

---

[١] - التهذيب ج۴ ص ٣٠۴

[٢] - مراد حضرت ابوطالب ۽ حضرت علي عليهما السلام جو نسل آهي

موسىٰ كاظم عليه السلام بابت پريشانيءَ جو اظهار كندي قسم كنيائين كيس قتل كندو

وَاللهِ ما خَرَجَ حُسَينٌ اِلّا عَنْ اَمْرِهِ وَ لا اتَّبَعَ اِلّا حُجَّتَهُ لِاَنَّهُ صاحِبُ الْوَصِيةِ في هذَا الْبَيتِ قَتَلَني اللهُ اِنْ اَبْقَيتُ عَلَيهِ.

خدا جو قسم ! حسين(شهيد فخ) سندس (امام موسىٰ كاظم عليه السلام) ئي حكم تي قيام كيو ۽ سندس ئي ڳالهه مڃيندو هئو ڇاڪاڻ ته ان گهراڻي ۾ اهو ئي صاحب وصيت آهي (يعني خاندان جو سرپرست آهي) . جيكڏهن ان كي زنده ڇڏيم ته خدا مون كي قتل كري.

قاضي ابو يوسفَ ـ جيكو ان جاءِ تي موجود هئو ـ كيس ٿڌو كيو ۽ كيس چيائين: نه موسىٰ بن جعفرعليه السلام، نه ئي ان گهراڻي جو كو ٻيو ڀاتي،خليفن خلاف قيام جو ارادو ركن ٿا. [١]

امام پاكن جي ڳجهي تحريك ،ايتري ته ڳجهي هئي جو سندن مخالف، ان جو تصور به نه پيا كن ته هو خليفن خلاف قيام جو ارادو ركن ٿا يانه . ان ڳالهه كان هٽي كري ته حسين بن علي شهيد فخ جي قيام بابت هاديءَ جو نظريو صحيح هئو يانه ؟ قاضي ابو يوسف جو دفاع امام عليه السلام جي تحريك جي ڳجهي هجڻ جي اهميت كي ظاهر كري ٿو .

١ - حياة الامام موسى بن جعفر ج١ ص ٤٧٢

ايستائين جو زيدي شيعا جيڪي پاڻ شدت پسند شمار ٿيندا هئا، پڻ اهو گمان پيا ڪن ته امام صادق عليه السلام جهاد جو عقيدو نه پيا رکن . جڏهن ته ٻڌائي چڪا آهيون ته امام سندن دعوىٰ جو واضح انڪار ڪيو ۽ فرمايو:

(وَ لكِنْ لا اَدَعُ عِلْمي اِلي جَهْلِهِمْ) آئون پنهنجي علم کي سندن جهالت جي حوالي نه ڪندس.

مٿي ذڪر ٿيل روايت ۾ آيو آهي ته جڏهن امام ڪاظم عليه السلام تائين سندن گرفتاري ۽ شهادت جي خطري بابت هاديءَ جي اها خبر پهتي ته ڪيس بد دعا ڏنائون پوءِ ڪجهه ئي ڏينهن ۾ سندس موت جي خبر به مديني پهتي.[١]

جڏهن ته ان موقعي تي سندن ڪجهه ساٿين ڪين لکي وڃڻ جي صلاح ڏني هئي. (ليڪن امام (ع) ان کي رد ڪري ڇڏيو)

## حسين بن علي "شهيد فَخ" جي تحريڪ

هن تحريڪ کي ٻين زيدي تحريڪن جي صف ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ اهي اڪثر تحريڪون سچائيءَ ۽ خلوص نيت سان وجود ۾ آيون. ڪڏهن ته انهن جا اڳواڻ عالم فاضل ۽ فداڪار ماڻهو هئا،ليڪن مختلف سياسي سببن جي ڪري گهٽائي باوجود اهي تحريڪون بي ثمر ثابت ٿيون. يا گهٽ ۾گهٽ عراق ۾ ڪين ڪا ڪاميابي ملي نه سگهي.

---

[١] - ڏسو ڪتاب عيون اخبار الرضا ج ١ ص٧٩

شيعن ۽ زيدين جي وچ ۾ موجود اختلاف سبب، شيعن جو انهن تحريڪن ۾ شريڪ ٿيڻ ممڪن نہ هئو .ڇاڪاڻ تہ زيدي شيعہ امامن جي امامت جا قائل نہ هئا. شيعن ۽ زيدين وچ ۾ اختلاف  شايد خود زيد جي زماني کان شروع ٿيا ۽ نفس زڪيہ واري واقعي تائين پنهنجي عروج تي پهتا. جنهن زيدين ۽ شيعن جي هڪٻئي سان تعاون کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو.

جڏهن حسين بن علي "شهيد فخّ" قيام ڪيو تہ سندس تحريڪ ۾ مديني جي اڪثر علوي سادات شرڪت ڪئي ليڪن امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام نہ فقط شرڪت نہ ڪئي بلڪ حسين کي سندس شڪست ۽ شهيد ٿيڻ جي حتمي خبر بہ ڏني هئي.[1]

شهيد فخّ جيتوڻيڪ پهريان ئي خليفي خلاف قيام جو ارادو رکي پيو پر هاديءَ ۽ مديني جي گورنر - جيڪو بہ ٻئين خليفي جي خاندان مان هئو - پاران علوي سادات مٿان حد کان وڌيڪ سختيون ۽ تڪليفون، ان قيام جي جلد وجود ۾ اچڻ لاءِ بي اثر نہ هيون.

حج جي ڏينهن ۾ جڏهن خليفي طرفان بہ وفد مڪي موڪليا ويا هئا اهو قيام وجود ۾ آيو. ۽ ان انقلابي تحريڪ جي مقابلي ۾ هڪ خاص لشڪرموڪليو هئو، جيڪو انهن (حج وارن) ڏينهن ڪانسواءِ شايد خليفي جي لاءِ بهترين نموني وڙهي نہ سگهي ها.

[1] - مقاتل الطالبين ص ٢٩٧،٢٩٨

اها جنگ حسين بن علي (شهيد فخّ) ۽ سندس ساٿين جي شڪست ۽ شهادت جي صورت ۾ پڄاڻيءَ تي پهتي. جڏهن انهن جا سر موسىٰ بن عيسي وٽ آندا ويا تہ اتي امام ڪاظم عليہ السلام سميت علوي خاندان جا ڪجهہ ٻيا ماڻهو بہ ويٺا هئا تہ اتي موسىٰ بن عيسىٰ، حسين بن علي جي سر ڏانهن اشارو ڪندي سوال ڪيو :

ڇا هيءُ حسين بن علي ءَ جو سرُ آهي؟ امام جواب ڏنو:نعَمْ اَنَّا لِلّٰهِ وَ اِنّا اِلَيہِ راجِعُون مَضي وَاللهِ مُسْلِماً صالِحاً قَوّاماً آمِراً بِالْمَعْروفِ وَناهِياً عَنِ الْمُنْكَرِ وَما كانَ في اَهْلِ بَيتِہِ مِثْلُہُ.

ها (انا لله و انا اليہ راجعون.) ان حال ۾ ويو ،جو هو هڪ صالح مسلمان ،پنهنجي پالڻهار جو عبادتگذار،نيڪيءَ جي هدايت ڪندڙ ۽ برائيءَ کان روڪيندڙ هئو . سندس گهراڻي ۾ ان جو ڪو مٽ نہ هو.

موسىٰ بن عيسىٰ ان جواب تي خاموش ٿي ويو ۽ ڪجهہ نہ ڇيائين.[١]

## امام ڪاظم عليہ السلام ۽ هارون الرشيد

امام ڪاظم عليہ السلام جي زندگيءَ بابت آيل اڪثر روايتن جو تعلق انهن سختين ۽ تڪليفن سان آهي جيڪي هارون طرفان کين ڏنيون ويون.اسان انهن روايتن کي ٽن قسمن ۾ بيان ڪيون ٿا.

١. امام ۽ هارون جي وچ پيش ايندڙ واقعن کي بيان ڪندڙ روايتون.

---

١ - ساگيو ص ٣٠٢

٢. سندن گرفتار ۽ قيد ٿيڻ جي واقعن کي بيان ڪندڙ روايتون.

٣. سندن شهادت جي باري ۾ آيل روايتون

ليڪن سڀ کان پهريان اهو ٻڌائڻ چاهيون ٿا تہ هارون سن ١٧٠ ھ کان ١٩٣ھ تائين حڪومت تي رهيو. ان مدت دوران شيعن سان مختلف جهڙپن کان علاوهہ سندن قتل ۽ تشدد ۾ ملوث رهيو، جن جا تفصيل هن مختصر تحرير ۾ ذڪر نہ ٿا ڪري سگهجن .انهن قتلن ۽ قتل عام جي واقعن کي ابو الفرج اصفهانيءَ پنهنجي ڪتاب "مقاتل الطالبين" ۽ ڪجهہ ٻين واقعن کي طبريءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي.

سراسري طور اهو چئي سگهجي ٿو تہ هارون جا ظلم ۽ ستم اڳين حڪومت سان قياس ڪرڻ جهڙا نہ هئا، اهي ڪثرت ۽ شدّت جي لحاظ کان متوڪل جي حڪومت جي دور سان ملن پيا. جيتوڻيڪ ان ڳالهہ کان بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ڪجهہ موقعن تي هارون رشيد پنهنجي مخالفن خاص ڪري شيعن سان نرمي سان پيش آيو هجي، ليڪن پڪا تاريخي ثبوت نہ ملڻ سبب امام ڪاظم عليه السلام ۽ هارون جي وچ ۾ پيش ايندڙ واقعن مان ان نرميءَ کي ثابت نہ ٿو ڪري سگهجي.

## روايتن جو پهريون قسم

ڪجهہ روايتن مان خبر پوي ٿي تہ هارون پنهنجي حڪومت جي شروعاتي دور ۾ سختي نہ ڪئي هئي،ليڪن وقت گذرڻ سان گڏ مختلف سبب جي ڪري امام مٿان سندن سختين ۾ اضافو ٿيندو ويو.

عياشيءَ شيخ مفيد جي نقل ڪيل هڪ روايت ۾ آيو آهي:

كانَ مِمّا قالَ هارُونُ لِاَبي الْحَسَنِ مُوسي (عليه السلام) حينَ اُدْخِلَ عَلَيہِ: ما هذِہِ الّدارُ وَ دارُ مَنْ هِي قالَ لِشيعَتِنا فَتْرَةً وَ لِغَيْرِهِمْ فِتْنَةً: قالَ فَما بالُ صاحِبُ الدّارِ لا يأْخِذُها؟ قالَ اخِذَتْ مِنْہُ عامِرَةً وَلا يأْخُذُها اِلاّ مَعْمُورَةً فَقالَ اينَ شِيعَتُكَ، فَقَراَ اَبُوالحَسَنِ: «لَمْ يكُنِ الَّذينَ كَفَرُوا مِنْ اَهْلِ الْكِتابِ وَ الْمُشْرِكينَ مُنْفَكّينَ حَتّي تاتِيهُمُ الْبَينَةُ» [١] قال لَہُ: فَنَحْنُ كُفّارٌ؟ قالَ لا وَلكِنْ كَما قالَ اللهُ:«اَلَمْ تَر اِلَي الَّذينَ بَدَّلُوا نِعْمَةَ اللهِ كُفْراً وَ اَحَلُّوا قَوْمَهُمْ دارَ الْبَوارِ» [٢] فَغَضِبَ عِنْدَ ذلِكَ وَ غَلُظَ عَلَيہِ [٣]

جڏهن امام ڪاظم عليه السلام کي هارون جي سامهون پيش ڪيو ويو تہ سندن وچ ۾ ٿيندڙ گفتگو جو هڪ حصو هيئن هئو

“ هارون: هيءَ دنيا ڇا آهي؟ ۽ ڪنهن جي لاءِ آهي؟

امام: دنيا اسان جي شيعن لاءِ سڪون جوسبب ۽ ٻين لاءِ امتحان جو مقام آهي.

هارون: تہ پوءِ ان جو مالڪ ڪيس پنهنجي هٿ ۾ نہ ٿو وٺي؟

امام:جڏهن آباد هئي تہ کائنس کسي وئي ۽ وري جڏهن آباد ٿيندي تہ هوواپس وٺندو

هارون: توهان جا شيعا ڪٿي آهن؟

امام: جواب ۾ هن آيت جي تلاوت ڪئي: اهل ڪتاب ۽ مشرڪ ڪافر پنهنجي ڪفر تان هٿ ڪڻڻ لاءِ تيار نہ هئا ايستائين جو انهن وٽ خدا طرفان واضح دليل آيو.

هارون: ان جو مطلب تہ اسان ڪافر آهيون؟

---

[١] - سوره بينہ آيت١

[٢] - سوره ابراهيم آيہ ٢٨

[٣] - ڏسو ڪتاب اختصاص ص٢٦٢ ، تفسير عياشي ج٢ ص ٢٣٠

امام: نہ پر ائين آهيو جيئن خدا فرمايو آهي : ”ڇا انهن کي نہ ڏٺو جن خدا جي نعمتن کي ڇڏي ڪري ڪفر اختيار ڪيو ،ڪيئن پنهنجي ماڻهن کي هلاڪت ۾ وجهي رهيا آهن“.

ان موقعي تي هارون ڪاوڙجي پيو ۽ امام سان سخت ورتاء ڪرڻ شروع ڪيائين.“

## هڪ ٻئي روايت ۾ صدوق نقل ڪري ٿو :

هڪ دفعي هارون ڪنهن شخص کي حڪم ڏنو تہ فورا موسیٰ بن جعفر عليہ السلام کي مون وٽ وٺي اچ. جڏهن خليفي جو قاصد مديني ۾ امام وٽ پهتو ۽ ڪائنس گهر ڪيائين تہ خليفي وٽ هلي تہ امام فرمايو:

لَو لا اَنّي سَمِعت في خَبَرِ عَنْ جَدّي رَسُولِ اللهِ(ص) اَنَّ طاعَةَ السُّلْطانِ لِلتَّقِيةِ واجِبَةٌ اِذا ماجِئتُ.

جيڪڏهن نانا رسول الله جي هيءَ روايت نہ ٻڌي هجيم ها تہ : تقيي جي حالت ۾ بادشاھ جي اطاعت ضروري آهي تہ هرگز نہ هلان ها.

جڏهن امام وٽس پهتو تہ هن پنهنجي ڪاوڙ لڪائي نرميءَ سان امام کان پڇيو تہ اسان وٽ ڇونہ ٿو اچين؟ تہ امام جواب ۾ چيو: سَعَةٌ مَمْلَكَتِكَ و حُبَّكَ لِلدُّنْيا. تنهنجي سلطنت جي وسعت ۽ دنيا سان تنهنجي محبت،تو وٽ اچڻ کان مانع آهي.

تنهن ڪانپوءِ هارون امام عليہ السلام کي ڪجھ تحفا ڏنا. امام عليہ السلام انهن کي قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ فرمايو:

وَ اللهِ لَولا اَنّي اَرىٰ اَنْ اَتَزَوَّجَ بِها مِن عُذّابِ بَني طالِبٍ لِئَلّا ينْقَطِعُ نَسْلُهُ اَبَداَ ما قَبِلْتُها.[١]

---

[١] - عيون اخبار الرضا ج١ ص٩٣

خدا جو قسم! جيڪڏهن ابوطالب جي خاندان جي ڇڙن جي شاديءَ جو فڪر نہ هجي ها تہ ـ جيئن سندس نسل ختم نہ ٿئي ـ هرگز اهي تحفا قبول نہ ڪيان ها.

## روايتن جو ٻيون قسم:

امام عليہ السلام جي قيد ٿيڻ بابت مختلف روايتون آيون آهن جن مان طور اها خبر پوي ٿي تہ هارون ، امام عليہ السلام کي ٻہ دفعا قيد ڪيو. جن مان ٻيون دفعو ١٧٩هه کان ١٨٣هہ تائين يعني چئن سالن تي محيط هئو جنهن جو خاتمو سندن شهادت جي صورت ۾ ٿيو. جڏهن تہ پهرئين دفعي ۾ امام عليہ السلام گهٽو عرصو قيد رهيا روايتن ۾ ان بابت ڪا بہ نشاندهي نہ ٿي آهي. امام جي ٻہ دفعا قيد ۾ وجڻ جو دليل مورّخن جي اشارن [1] کان علاوهہ اهي روايتون آهن جيڪي هارون جي پهرئين قيد مان امام جي آزاد ٿيڻ کي بيان ڪن ٿيون، جن کي تمام گهٽن راوين ذڪر ڪيو آهي.

مسعودي لکي ٿو:

عبدالله بن مالک خزاعي هارون جي گهرجو مسؤول ۽ پوليس آفيسر هئو، چوي ٿو :

هارون جو قاصد اهڙي وقت مون وٽ آيو جڏهن ڪير نہ ايندو آهي ۽ مون کي ڪپڙن مٽائڻ جي مهلت بہ نہ ڏنائين ،ان ئي حال ۾ هارون وٽ حاضر ڪيائين. جڏهن سلام ڪري وينس تہ هر طرف طاري خاموشيءَ مونکي حيرت ۾ وڌو. اتي

[1] - ڏسو ڪتاب عيون اخبار الرضا ج١ ص ٩٣

هارون مون کان پڇيو: ڇا تو کي خبر آهي ته توکي ڇو گهرايو اٿم؟ چيم: خدا جو قسم نه!

هارون چيو : هن وقت خواب ڏٺو اٿم،هڪ حبشي تلوار کنيو بيٺو آهي ۽ چوي پيو ته جيڪڏهن هن ئي وقت موسیٰ بن جعفر عليه السلام کي آزاد نه ڪيئي ته تنهنجو سر هن تلوار سان ڌار ڪندس. تنهن ڪري هن ئي وقت وڃي کيس آزاد ڪري ٣٠ هزار درهم ڏئي کيس چئو: جيڪڏهن چاهي ته پلي هتي رهي، جيڪڏهن ڪا حاجت هجئي ته پوري ڪنداسين، جيڪڏهن مديني واپس وڃڻ چاهي ته سندس وڃڻ جو انتظام ڪر؟

مون کي يقين نه آيو، تنهن ڪري ٽي دفعا ڪائنس پڇيم: ڇا تون اهو حڪم ڏئي رهيو آهين ته موسیٰ بن جعفرعليه السلام کي آزاد ڪريان؟ هن ٽئي دفعا پنهنجي ڳالهه ورجائي.

آئون هارون وٽان ٻاهر نڪري سڌو زندان طرف آيس .جڏهن موسیٰ بن جعفرعليه السلام مون کي ڏٺو ته ان خيال سان ته مان کيس تڪليفون ڏيڻ لاءِ آيو آهيان پنهنجي جاءِ تان اٿي بيٺو. مون کين چيو ته مون کي حڪم مليو آهي ته توهان کي هن وقت ئي آزاد ڪري ٣٠ هزار دهم ڏيان .

منهنجي ڳالهه ٻڌي ڪري موسیٰ بن جعفر عليه السلام چيو ته هن مهل خواب ۾ ناني رسول صلي الله عليه وآله کي ڏٺو اٿم، جيڪو چئي رهيو هئو: يا مُوسیٰ حُبِسْتَ مَظْلُوماً (توکي بيگناهه قيد ۾ رکيو ويو آهي) هيءَ دعا پڙهه تون اڄ رات ئي هن زندان مان آزاد ٿيندي پوءِ اها دعا پڙهيائين. [1]

---

[1] - مروج الذهب ج ٣ ص٣٥٦، شذرات الذهب ج١ ص ٣٠٤

ان روايت جو بين تاريخي ڪتابن ۾ ذڪر ٿيڻ، مورّخن وٽ ان جي مشهور هجڻ جو دليل آهي،جيتوڻيڪ انهن جي بيانن ۽ ڪجهه ماڻهن جي نالن ۾ فرق آهي. البته شيخ صدوق ان روايت کي وڌيڪ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.[1]

هيءُ واقعو مهدي عباسي جي دور ۾ پيش ايندڙ واقعي جهڙو آهي، اهل سنت جي ڪتابن ۾ ان جو ذڪر ٿيڻ،سندن مورّخن جو ان ڳالهه کي قبول ڪرڻ جي نشاني آهي. جيئن پهريان به اشارو ٿي چڪو ته اڄ به بغداد جي ماڻهن جي دلين ۾ امام جون يادون موجود آهن ، سندن مزار انهن لاءِ به مقدس زيارتگاهه آهي ۽ امام انهن وٽ به باب الحوائج جي نالي سان مشهور آهي.

بهرحال ان روايت مان خبر پوي ٿي ته هارون رشيد، شيعن سان دشمنيءَ سان گڏ موسیٰ ڪاظم عليه‌السلام کان تمام گهڻو خطرو محسوس ڪندو هئو. فقط امام عليه‌السلام جو تقيو ڪرڻ ۽ ڏمڪين وارا خواب ئي هئا ،جيڪي کين هارون جي شر کان امان ۾ رکن پيا.

ليڪن نيٺ هڪ پاسي کان هارون کي امام طرفان پنهنجي حڪومت لاءِ محسوس ٿيندڙ خطرو ۽ امام سان سندس حسد ۽ ڪينو ۽ ٻئي طرف کان شيعن وٽ امام عليه‌السلام جو عظيم مقام يعني امامت ۽ رهبري. جڏهن ته ان کان علاوهه ڪجهه پنهنجن ئي رشتيدارن جو ساڙ،ڪوڙ ۽ چغل خوري سبب ٿيو جو هارون جي امام سان دشمنيءَ ۾ بي پناهه اضافو ٿئي. هتي اسان انهن

[1] - عيون اخبار الرضا ج١ ص٣٧٣، امالي صدوق ٢٢٦

واقعن جو هڪ نمونو پيش ڪريون ٿا جيڪي سندن پيهر قيد ۾ وڃڻ جو سبب بڻيا.

## حضرت امام حسنؑ حسين عليهما السلام جي رسول اللهؐ جي فرزنديءَ جو مسئلو

حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جو ان ڳالهہ تي خاص تاڪيد تہ امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام ڪي سندس فرزند سمجهيو وڃي باعث ٿيو جو اهلبيت ؑ جي لاءِ هڪ خاص عظمت ۽ عزت پيدا ٿئي . جنهن ۾ خود رسول الله ﷺ جي مرضي بہ هئي تہ جيئن سندن آل، اسلامي معاشري ۾ هڪ وڏو مقام پائي. رسول اللهﷺ کان تمام گهڻيون روايتون جهڙوڪ حديث ثقلين، حديث سفينہ وغيره ان موضوع بابت، شيعہ توڙي سني ڪتابن ۾ ذڪر ٿيون آهن.

حضرت امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام ڪي رسول الله ﷺ جو فرزند سمجهيو وڃڻ، مسلمانن جو انهن ڏانهن خاص توجہ ۽ ڪين چڱي نموني سمجهڻ جو سبب بڻجي سگهي پيو. اهو ئي سبب آهي جو اهلبيت ؑ جا دشمن ۽ مخالف هميشہ ان رشتي ڪي ڪوڙو ڪرڻ جي پويان رهيا ۽ هميشہ ڪوشش ڪندا رهيا تہ – اسلامي معاشري جي اڪثر شيعہ توڙي سني مسلمانن جو ڪين رسول الله ﷺ جي فرزند طور قبول ڪرڻ باوجود – انهن جي مخالفت ڪن.

اموي حڪمران معاويہ بن سفيان سخت تاءُ ڪائيندو هئو[1] جو امام حسن ۽ حسين عليه السلام رسول الله صلي الله عليه وآله جا فرزند سڏجن ۽ پوري ڪوشش ڪيائين تہ جيئن ماڻهو کين علي عليه السلام جا پٽ سمجهن. عمرو بن عاص کي بہ ان ڳالهہ کان نفرت هئي،[2] حجاج بن يوسف کي جڏهن خبر پئي تہ يحيىٰ بن يعمر امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام کي رسول الله صلي الله عليه وآله جو فرزند سمجهي ٿو تہ کيس خراسان کان گهرائي، مجبور ڪيائين تہ ان ڳالهہ کي قرآن مان ثابت ڪري. هن بہ دليل طور قرآن مجيد مان سوره انعام جي ٨٥ آيت پڙهي(جيڪا حضرت عيسىٰ عليه السلام کي ابراهيم عليه السلام جو فرزند ثابت ڪري پئي) ۽ چيو:

قرآن عيسىٰ عليه السلام کي حضرت ابراهيم عليه السلام جو فرزند سڏيو آهي، جڏهن تہ هن جو سندس ماءُ ذريعي حضرت ابراهيم عليه السلام سان رشتو هئو تہ پوءِ امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام ، رسول الله صلي الله عليه وآله جا فرزند ڇو نہ ٿا ٿي سگهن؟ [3]

استاد جعفر مرتضىٰ پنهنجي ڪتاب "حيات سياسي امام حسن (ع)" ۾ ان موضوع بابت وڌيڪ دليل ذڪر ڪيا آهن.[4]

اهو مسئلو هارون جي دور ۾ ۽ آل رسول عليهم السلام خاص ڪري امام ڪاظم عليه السلام سان ملاقاتن ۾ بہ ڪليو. گهڻ ۾ گهڻ هڪ ملاقات ۾ امام جو ان موضوع تي

---

[1] - ڪشف الغمہ ج٢ ص ١٧٦

[2] - شرح نهج البلاغہ ابن ابي الحديد ج٢٠ ص ٣٣٤

[3] - وفيات الاعيان ج٦ ص ١٧٤ تفسير ابن ڪثير ج٢ ص١٥٥، درّ المنثور ج٣ ص٢٨

[4] - حياة السياسية للامام الحسن ص ٣٥، ٣٤

بيھڻ، سندن قيد ۾ پوڻ جو سبب ٿيو. ھڪ روايت ۾ اچي ٿو هارون امام کان سوال ڪيو تہ توهان ڪيئن ٿا چئو تہ رسول اللهﷺ جي آل آهيو؟ جڏهن تہ رسول الله ﷺڪي پٽاٽو اولاد ڪونہ هئو ۽ توهان سندس ڌي جي اولاد مان آهيو؟

امام (ع) ان بابت بہ دليل پيش ڪيا

١- سوره انعام جي ٨٥ آيت جنهن ۾ حضرت عيسىٰ عليه السلام کي حضرت ابراهيم عليه السلام جو فرزند ڄاڻايو آهي.

٢- آيہ مباهلہ جنهن ۾ "ابنائنا" جا امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام ظاهري نمونا هئا.[١]

اها ڳالهہ عباسين کي تمام گهڻي ڏکي پئي لڳي ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ کي رسول الله ﷺ جا سوٽ سمجهن پيا ۽ وارثت جي قانون کي استعمال ڪندي پاڻ کي خلافت لاءِ ٻئي هر ڪنهن کان وڌيڪ مستحق سمجهن پيا .سندن دليل مطابق رسول اللهﷺ جو چاچو عباس،نبي سائين جي رحلت ڪانپوءِ بہ زنده هئو. تنهنڪري،ان جي هوندي ٻين چاچن جي اولاد جو حق نہ پيو بڻجي،جيئن مروان بن ابي حفصہ پنهنجي هڪ شعر ۾ ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي:

أَنِي يَكُونُ وَلا يَكُونُ وَلمْ يَكُنْ        لِبَنِي الْبُنَاتِ وَرَاثَةُ الْأَعْمامِ

(ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ نا ممڪن آهي ،نہ ئي ڪڏهن ٿيو آهي جو چاچي جي هوندي ڪنهن جي ڌيءُ جو اولاد وارث ٿئي.)

١ - نور الابصار ص ١٤٨.١٤٩. الصوائق المحرقہ ص ٢٠٣، ينابع المودة ص ٤٣٥

سندس، انهن جي شعرن جي رد ۾ امام ڪاظم عليہ السلام سان منسوب شعر ذڪر ٿيا آهن.[١]

البتہ شيعن وٽ امامت جي ثابت ٿيڻ لاءِ وراثت جي ڪا اهميت ناهي، بلڪہ ان سلسلي ۾ شيعہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ طرفان بيان ٿيل حديثن ۽ پوءِ وقت جي امام پاران اڳئين امام جي معين ڪرڻ بابت آيل صحيح روايتن کي دليل بڻائيندا هئا.

جڏهن تہ اهي بنو عباس هئا جيڪي خلافت کي فقط پنهنجي خاندان ۾ محدود ڪرڻ لاءِ وراثت جو سهارو وٺندا هئا. ان ئي سبب ڪري ڪوشش ڪندا هئا تہ امام حسن۽ امام حسين عليهما السلام ۽ سندن اولاد کي آل رسول صلي الله عليہ وآلہ بجاءِ آل علي عليہ السلام ظاهر ڪن تہ جيئن ان ذريعي سندن وراثت جي انڪار سان گڏ، ماڻهن وٽ سندن بي پناهہ احترام کي ختم ڪري سگهن.

پوري يقين سان چئي سگهجي ٿو ان وقت ايران، شام ۽ يمن وغيره جي اهل سنت معاشرن تي علوي سادات جي روحاني حڪومت،انهن واضح حديثن جي ڪري هئي جيڪي پيغمبر صلي الله عليہ وآلہ پنهنجي اهلبيت عليهم السلام جي شان ۾ بيان ڪيون ۽ امام حسن ۽ امام حسين عليهما اسلام کي "ابنائنا" جي طور سامهون آندو.

ابن اثير نقل ڪري ٿو تہ :

---

[١] - الاحتجاج ،ج٢ ص ١٦٧

هارون رشيد سن ۱۷۹هہ جي رمضان مهيني ۾ عمري جي نيت سان مكي پئي ويو جو ان سفر دوران مديني آيو ۽ روضہ رسولﷺ تي حاضري ڀريائين . ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ ۽ كين رسول اللهﷺ سان پنهنجو رشتو جتائڻ لاءِ هيئن سلام كيائين: السَّلامُ عَلَيْكَ يا رَسُولَ اللهِ يَا بْنَ عَمّ (منهنجو سلام هجي توتي اي الله جا رسول ۽ منهنجا سوٽ)

اتي حضرت امام موسىٰ كاظمؑ اڳتي وڌي كري پنهنجي نانا جي زيارت كئي ۽ فرمايائون: السَّلامُ عَلَيْكَ يا اَبَةِ (اي منهنجا بابا توتي سلام).

اهو جملو ٻڌي هارون جي منهن جو رنگ متجي ويو .هن امام كاظمؑ كي مخاطب ٿي چيو: هذا الْفَخْرُيا اَبَالْحَسَنِ جِدّاً (اهو حقيقي فخر آهي اي ابوالحسن) پوءِ سندن گرفتاريءَ جو حكم ڏنائين[1]

يافعي ان واقعي كي مختصر صورت ۾ ذكر كيو آهي .[2]

هارون پوءِ يحيىٰ بن جعفر ڏانهن منهن كري چيو: اُشْهِدُ اَنَّہ اَبُوهُ حَقاً. (بيشڪ اعتراف كيان ٿو تہ رسول الله ﷺ سندس پيءُ آهي.)[3]

هارون جي اها گفتار حقيقت ۾ سندس اعتراف هئو تہ سندس خاندان جي خلافت صحيح ناهي ،جيكا وراثت جي بنياد تي ورتي وئي هئي.۽ اعتراف هئو تہ حضرت زهرا ؑ جي آل ئي رسول الله ﷺ جو اولاد آهي.

---

[1] - ابن اثيرج٦ ص١٦۴ ،احتجاج ،ج٢ ص١٦۵الصواعق المحرقہ ٢٠۴
[2] - مرآة الجنان ج١ ص ٣٩۵
[3] - كامل الزيارات ص١٨ ، اصول كافي ج۴ ص ۵۵٣

جڏهن تہ ان واقعي ڪانپوءِ امام جو قيد ٿيڻ ٻڌائي ٿو تہ امام جو اهو ڪم هارون خلاف سياسي قدم سمجهيو ويو.۽ امام عليه السلام جا اهڙا ڪم هارون لاءِ خطرناڪ هئا.

## روايتن جو ٽيون قسم

امام عليه السلام جي گرفتاريءَ ۽ قيد ٿيڻ جا ٻيا بہ دليل هئا جن مان هڪ هيءُ آهي تہ : شيعن کي روڪيو ويو هئو تہ امام عليه السلام ۽ سندن رهبريءَ متعلق هر قسم جي ڳالهہ کي لڪايو وڃي ۽ امامت جي رازن کي ظاهر نہ ڪيو وڃي،ليڪن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هئو جو هو امام ڪاظم عليه السلام جي امامت ۽ سندن اطاعت جي واجب هئڻ کي ظاهر ڪري وجهندا هئا ۽ سندن اهو اقدام امام عليه السلام سان گڏ خود سندن لاءِ بہ مشڪلاتن جو سبب بڻجندو هئو.

اهو ساڳيو ئي مسئلو امام صادق عليه السلام جي دور ۾ منصور جي دشمنيءَ سبب موجود هئو. ليڪن امام پاڪن جي تقيي جي ڪري عباسي اهو پيا سمجهن تہ جيڪڏهن شيعا ۽ سندن امام امامت جي دعویٰ رکن پيا، تڏهن بہ خليفن خلاف بغاوت ۽ قيام جو ارادو نہ ٿا رکن. تنهن ڪري انهن علوي سادات کي جيڪي زيدي اڳواڻن واري راءِ رکن پيا (تہ خليفن سان جنگ ڪئي وڃي ) نصيحت ڪندي چوندا هئا تہ پنهنجي سوٽ موسیٰ بن جعفر عليه السلام وانگر رهندؤ تہ امان ۾ هوندؤ.[1]

---

[1] - مقاتل الطالبين ٣٠٣

حقيقت ۾ شيعن جا امام ـ امامت ۽ رهبري کي فقط پاڻ وٽ محدود ڄاڻڻ ۽ حڪومت وقت کي غلط ۽ ناحق سمجهڻ باوجود ـ انهن خلاف مسلحانہ بغاوت کي صحيح نہ پيا سمجهن. ڇاڪاڻ تہ هو اهڙي جدوجهد کي (ان وقت جي سياسي حالت سبب) بي فائده پيا سمجهن.

امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام جي دور ۾ شيعن جا حالات اهي هئا جو سندن طرفان فقط اهو عقيدو ظاهر ڪرڻ ئي تہ امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام جي اطاعت ڪي واجب آهي،سندن لاءِ مشڪلاتون آڻيندو هئو.

ان بنياد تي امام عليه السلام جي قيد ٿيڻ جو هڪ دليل اهڙي قسم جي عقيدن کي کي ڪلي عام بيان ڪرڻ کي بہ ڄڻي سگهي ٿو . ڇاڪاڻ تہ بنو عباس لاءِ اهڙي قسم جا عقيدا تمام گهڻا خطرناڪ هئا. اسان جي حديثي ڪتابن ۾ هڪ باب "باب تحريم اذاعة الحق مع الخوف بہ" جوڙيو ويو آهي[1] جنهن ۾ ان موضوع بابت امامن پاڪن خاص ڪري امام صادق عليہ السلام جون حديثون ذڪر ڪيون ويون آهن.

ڪتاب "رجال ڪشي" يونس بن عبدالرحمن کان هڪ طويل روايت ذڪر ڪئي آهي جيڪا اسان جي هن موضوع لاءِ بهترين مثال آهي:

يحيىٰ بن خالد برمڪي هشام کي سنو سمجهندو هئو. ليڪن جڏهن هارون هشام بن حڪم جون ڪجهہ ڳالهيون ٻڌي ان ڏانهن مائل ٿيو تہ يحيىٰ ڪوشش ڪئي تہ هارون کي سندس خلاف ڀڙڪائي. هڪ ڏينهن هارون کي چيائين:

---

[1] - مستدرڪ الوسائل ج١٢ ص٢٨٩

هُوَ يزْعَمُ اَنَّ لِلّٰهِ فِي اَرْضِهِ اِماماً غَيرَکَ مَفْروضَ الطّاعَةِ... وَ يزْعَمُ اَنَّہ لَو اَمَرَهُ بِالْخُرُوجِ لَخَرَجِ و اِنَّما نَري اَنَّہ مِمَّنْ يرُي الْاِلْبادِ بِالْاَرْضِ.

هن جو عقيدو آهي تہ تو کانسواءِ ڪو ٻيو امام آهي جنهن جي اطاعت واجب آهي... ۽ جيڪڏهن هو کيس قيام جو حڪم ڏيندو تہ هو سندس اطاعت ڪندو... جڏهن تہ اسان کيس قيام ڪرڻ وارو نہ پيا سمجهون.

هارون يحيىٰ کي حڪم ڪيو تہ علم ڪلام (عقائد) جي عالمن جي ڪچهري ڪوٺاءِ،جنهن ۾ هارون پردي پويان لڪي ويهندو تہ جيئن اهي پنهنجي گفتگوءَ ۾ آزاد هجن.

مجلس سجائي وئي، ڪچهري شروع ٿي ليڪن جلد ئي هڪ نقطي تي ڳالهہ اٽڪي پئي . يحيىٰ چيو ڇا فيصلو ڪرڻ لاءِ هشام بن حڪم جي ڳالهہ مڃندؤ ؟انهن چيو تہ ها قبول ڪريون ها پر هو بيمار آهي.

يحيىٰ هشام ڏي ماڻهو موڪليو . پهريان يحيىٰ جي ڪري هن اچڻ نہ پئي چاهيو سو چيائين تہ مون عهد ڪيو آهي تہ جڏهن چاڪ ٿيس تہ ڪوفي وڃي ڪري هر قسم جي بحث مباحثي کان پاسو ڪندس ۽ فقط خدا جي عبادت ڪندس. ليڪن جڏهن يحيىٰ تمام گهڻو زور ڀريو تہ ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيو ۽ اختلافي مسئلو ٻڌڻ کان پوءِ ڪن جي ڳالهہ جي حمايت، تہ ڪن جي ڳالهہ کي رد ڪيائين .

ڪچهريءَ جي آخر ۾ يحيىٰ کائنس گهر ڪئي تہ ان ڳالهہ جي رد ۾ دليل آڻي تہ "امام جو منتخب ڪرڻ ماڻهن جو حق آهي". هشام مجبوريءَ ۾ ان مسئلي بابت ڳالهايو تہ ان موقعي تي سليمان بن جرير ـ جنهن جي موقف کي ڪجهہ دير پهريان هشام رد ڪيو هئو ـ کان يحيىٰ گهر ڪئي تہ هشام کان ان مسئلي تي راءِ وٺي.

هن اميرالمومنين جي باري ۾ سوال ڪندي پڇيو :

چا تون ان جي اطاعت کي واجب سمجهين ٿو؟ هشام چيو ها

هن پڇيو : جيڪڏهن هو توکي قيام جو حڪم ڏئي تہ قيام ڪندين؟ هشام چيو تہ هو اهو حڪم نہ ڏيندو...... تان جو ڳالهہ اتي پهتي جو هشام چيو جيڪڏهن ٻڌڻ چاهين ٿو تہ ٻڌ: جيڪڏهن هن قيام جو حڪم ڏنو تہ مان قيام ڪندس؟ ها ائين ئي آهي.

اتي هارون جيڪو پردي پويان لڪو وينو هئو ڪاوڙجي پيو ...... امامؑ ڏانهن ماڻهو موڪلي کيس قيد ۾ وڌائين.

## يونس بن عبدالرحمن ان روايت کي ذڪر ڪرڻ کانپوءِ چوي ٿو:

فَكانَ هذا سَبَبُ حَبْسِهِ مِنْ غَيْرِه مِنَ الْاَسْبابِ.(امام جي قيد ۾ وڃڻ جي ٻين سببن سان گڏ هڪ اهم سبب اهو پڻ آهي.) هشام ان واقعي کان پوءِ ڪوفي وڃي ابن اشرف جي گهر ۾ رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪري ويو.[1]

## هڪ ٻئي روايت ۾ آيو آهي تہ :

هشام کي امام طرفان خاموش رهڻ جو حڪم مليو هئو ليڪن هو گهڻو وقت خاموش رهي نہ سگهيو .ان بابت امام جي هڪ صحابي عبدالرحمن بن حجاج کيس ملامت ڪئي ۽ چيو: چپ ڪري چونہ ٿو ويهين..... پوءِ ان امام طرفان کيس چيو: ڪنهن مسلمان جي قتل ۾ حصو وٺڻ سان خوش ٿيندين ؟ هشام چيو نہ. عبدالرحمن کيس چيو تہ ائين ڇو ٿو ڪرين؟ جيڪڏهن چپ ڪري وينين تہ نيڪ نہ تہ امامؑ کي سوليءَ تي لٽڪائيندين .

---

[1] - رجال ڪشي ص ٢٥٦، ٢٦٢

روايت جي آخر ۾ هيءُ جملو آيو آهي: فَما سَكَتَ حَتّي كانَ مِنْ اَمْرِهِ ما كانَ.(هشام چپ نہ رهيو، ايستائين جو اهو تي ويو جيڪو نہ ٿيڻ ڪپي ها) [۱]

مٿين روايت مان اسان جي ڳالھ جي سچائي ظاهر آهي .ان ئي موضوع بابت هڪ بي روايت بہ ذڪر ٿي آهي جيڪا ممڪن آهي اها ئي روايت ئي هجي . البتہ ان روايت ۾ وڌيڪ بيان اهو آهي تہ :

هارون پردي جي پويان سڀ ٻڌو پئي ۽ ڪچهريءَ ۾ موجود ماڻهن بہ پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هئو تہ امامت ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي مسئلي تي نہ ڳالهائيندا. جڏهن هارون پردي پويان هشام جو واضح عقيدو ٻڌو تہ سخت ڪاوڙ ۾ اچي چيائين:

"مِثلُ هذا حَي وَ يبْقَى لي مُلْكي ساعةً واحِدَةً؟ فَوَ اللهِ لِلسان هذا اَبْلَغُ في قُلُوبِ النّاسِ مِنْ مِاَةِ اَلْفِ سَيفٍ.(جيڪڏهن اهڙي قسم جا ماڻهو زندھ رهيا تہ ڇا هڪ لمحي لاءِ بہ منهنجي حڪومت هلي سگهندي؟ قسم خدا جو سندس زبان لک تلوارن کان وڌيڪ ماڻهن جي دلين تي اثرڪري ٿي.)"

هشام خطري کي محسوس ڪندي لڪي ويو ۽ جڏهن هارون ان کي ڳولي نہ سگهيو تہ سندس يائرن ۽ دوستن کي گرفتار ڪري جيل ۾ وڌائين .ليڪن ڪجھ ئي وقت ۾ ڪيس هشام جي وفات جي خبر ملي تہ سيني کي آزاد ڪري ڇڏيائين.[۲]

هڪ ٻئي جاءِ تي شيخ صدوق امام ڪاظم عليه السلام جي شهادت جي سببن ۾ هڪ سبب هن کي بيان ڪري ٿو:

---

۱ - ساڳيو ص ۲۷۱

۲ - اکمال الدین ص ۳۶۲، بحار الانوار ج۴۸ ص ۲۰۴

مِنْ قُولِ الشَّيعَةِ بِإمَامَتِہ وَ اخْتِلافِهِم فِي السّرّ اِلَيہِ بِاللَّيلِ وَ النَّهارِ خَشْيةً عَلي نَفْسِہِ وَ مُلْڪِہِ.[۱] امام عليه السلام جي شهادت جو هڪ سَبب (هارون کي اها خبر پوڻ هئي تہ) شيعا کين امام مڃن ٿا ۽ ڏينهن رات لڪي ملن ٿا. ڇاڪاڻ تہ هو امام عليه السلام پاران سندس حڪومت خلاف قيام ڪان ڊنو پئي.

**يحيیٰ بن خالد برمڪيءَ جي ڪيني سان گڏ امام جي ڪجهہ ويجهن مائٽن جي چغل خوريءَ ڪي بہ امام جي گرفتاريءَ جي سببن سان گڏ وڏائڻ گهرجي.**

**شيخ مفيد ۽ ابوالفرج اصفهاني ان موضوع بابت هڪ مستند روايت هيٺين صورت ۾ ذڪر ڪئي آهي:**

يحيیٰ بن خالد برمڪي ان ڳالهہ کان راضي نہ هئو جو هارون پنهنجي پٽ کي جعفر بن محمد بن اشعث وٽ موڪليو هو جيڪو امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام جي امامت جو قائل هئو. تنهن ڪري هو هميشہ هارون وٽ ان جي گلا ڪندو هئو (ظاهراً ان کان بدلو وٺڻ جي نيت سان ئي امام خلاف سازشون ڪرڻ شروع ڪيون هيائين) ان سلسلي ۾ امام جي خاندان مان اهڙي ماڻهوءَ جي تلاش ۾ هئو جيڪو سندس سازشن ۾ شريڪ بڻجي.

نيٺ ڀڇا ڳاڇا ڪري علي بن اسماعيل بن جعفر الصادق عليه السلام کي ڳولي لڌائين جيڪو تمام گهڻو غريب هئو، هن ڪيس دولت ڏئي هارون جي دربار ۾ اچڻ تي مجبور ڪيو تہ جيئن ان جي ذريعي امام خلاف پنهنجن سازشن کي عملي جامو پهرائي. جڏهن اسماعيل هارون جي دربار ۾ وڃڻ لاءِ راضي ٿيو تہ امام ڪاظم

[۱] - عيون اخبار الرضا ج۱ ص۱۰۰

عليہ السلام ڪوشش ڪئي تہ مالي مدد ذريعي بہ ڪيس ان ڪم کان روڪي، ليڪن هو هارون وٽ ويو ۽ سندس سامهون امام جي خلاف ڳالهايائين.[1]

اها ئي ڳالهہ هڪ ٻئي صورت ۾ امام جي قيد ۾ وڃڻ لاءِ بہ بيان ٿي آهي. شيخ صدوق اها روايت ڪامل ۽ وڌيڪ دقت سان ذڪر ڪئي آهي جنهن ۾ جعفر بن محمد بن اشعث جي امام سان ڳجهي رابطي کي ذڪر ڪرڻ ڪانپوءِ لکي ٿو:

يحيىٰ جي جعفر بابت هارون وٽ چغلي ڪٽڻ ڪانپوءِ هارون جعفر کي پاڻ وٽ گهرائي چيو : مون ٻڌو آهي تہ تون پنهنجي ملڪيت جو خمس ۽ اهي پيسا جيڪي تازو توکي ڏنا هئم،موسىٰ بن جعفرعليہ السلام ڏانهن موڪليا اٿئي؟

جعفر جواب ۾ اهي سڀ پيسا هارون جي سامهون اچي رکيا ۽ دشمنن جي سازشن کي ناڪام ڪندي هارون کي مطمئن ڪيو.ان واقعي ڪانپو يحيىٰ علي بن اسماعيل جي باري ۾ سوچڻ لڳو.[2]

حقيقت ۾ امام جو آخري دفعو قيد ٿيڻ ان ئي سبب ڪري هئو . شيخ مفيد متين روايت ذڪر ڪرڻ ڪانپوءِ لکي ٿو:

هارون ان ئي سال.(١٧٩ هہ).حج تي آيو مديني ۾ امام جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنائين.البتہ ڪجهہ روايتن ۾ علي بن اسماعيل جي بجاءِ محمد بن اسماعيل جو نالو آيو آهي

---

[1] - ارشاد ص٣٧٩، مسند الامام الڪاظم ج١ص١١٥

[2] - عيون اخبار الرضا ج١ ص ٣٨٥

# حضرت امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام جي گرفتاري

ابونصر بخاري لکي ٿو:

محمد بن اسماعيل سندس چاچي موسیٰ ڪاظم عليه السلام سان گڏ هئو (ان جي باوجود) هارون کي هڪ خط ۾ لکي ٿو:ما عَلِمْتُ اَنَّ في الْاَرْضِ خَليفَتَيْنِ يُجْبیٰ اِلَيْهِمَا الْخَراجُ.(مون کي خبر نہ هئي تہ زمين تي بہ خليفا ٿي سگهن ٿا جن ڀنهي وٽ ڏن ايندو هجي)

سندس ان ڳالهہ جو مقصد امام جي چغلي ڪٽڻ هئو .ان خط کان فورا پوءِ امام عليه السلام کي گرفتار ۽ قيد ڪيو ويو جيڪو سندن شهادت تائين باقي رهيو.[1] اها ئي ڳالهہ ابن شهر آشوب بہ ذڪر ڪئي آهي [2]

انهن ٻن روايتن ۾ جن مان هڪ علي بن اسماعيل ۽ ٻي محمد بن اسماعيل جي باري ۾ آهي ڪجهہ هڪجهڙائي پاتي وڃي ٿي جنهن مان انهن ٻن روايتن جي هڪ روايت هجڻ جو خيال مضبوط ٿئي ٿو.

مشهور آهي تہ هارون هڪ سال حج تي ويندو هئو تہ ٻئي سال جنگ تي . ان سال يعني ١٧٩هہ ۾ حج ڪرڻ جو وارو هئس. جڏهن مديني پهتو تہ مديني جا ناليوارا ماڻهو جن ۾ امام ڪاظم عليه السلام بہ هئا سندس استقبال لاءِ آيا . ليڪن هارون جيڪو امام جي ڳجهي تحريڪ کان آگاهہ هئو تنهن سيني ماڻهن جي روبرو رسول الله صلي الله عليه وآله جي ضريح جي سامهون بيهي چيو:

---

[1] - سر السلسلة العلويہ ٣٥،مسند الامام الڪاظم ج١ص٦٩

[2] - مناقب ج ٢ ص٣٨٥

يا رَسولَ اللهِ اِنّي اَعْتَذِرُ اِلَيکَ مِنْ شَيءٍ اُريدُ اَنْ اَفْعَلَهُ اُريدُ اَنْ اَحْبِسَ مُوسي بنَ جَعْفَرٍ فَاِنَّهُ يريدُ التَّشْتيتَ بَينَ اُمَّتِکَ وَ سَفْکَ دِمائِها.[١]

اي رسول خدا ﷺ جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهيان ٿو ان تي معافي گهران ٿو. آئون چاهيان ٿو ته موسىٰ بن جعفرؑ کي قيد ۾ وجهان جيڪو تنهنجي امت ۾ اختلاف وجهي، سندن خون وهائڻ چاهي ٿو.

جيئن ته ماڻهو امام ڪاظمؑ کي رسول الله ﷺ جو فرزند سمجهندا هئا لهذا رسول الله ﷺ کان معذرت ان سبب ڪري هئي. ان جي باوجود ماڻهن جي سامهون اهو ڪم سوال پيدا ڪندڙ هئو تنهن ڪري، امت ۾ تفرقو وجهڻ جو الزام ماڻهن لاءِ هڪ قانع ڪرڻ وارو بهانو هئو.

مٿين روايت مديني ۾ امامؑ جي اهميت ۽ عظمت کي بيان ڪري ٿي جتي هارون جهڙو طاقتور حڪمران مجبور هئو ته اهڙي قسم جا بهانا ناهي امام کي گرفتار ڪري ۽ ماڻهن کي پاڻ سان ملائي.

پوءِ ان ئي مسجد ۾ سندن گرفتاريءَ جو حڪم ڏنائين [٢] ۽ پوءِ ٻن قافلن کي تيار ڪري هڪ کي ڪوفي ته ٻئي کي بصري روانو ڪيائين ته جيئن ماڻهن کي خبر نه پوي ته امام کي ڪٿي قيد ڪيو ويندو.[٣]

ابوالفرج اصفهاني مٿين ڳالهين کي ذڪر ڪرڻ ڪانپوءِ لکي ٿو:

---

[١] -ارشاد ص ٢٨٠

[٢] - ارشاد ۽ روضة الواعظين ص ١٨٧

[٣] - شيخ صدوق لکي ٿو ته ان جي ٻئي ڏينهن جڏهن ته پاڻ رسول الله جي مصلى واري جڳهه تي نماز پئي پڙهيائون کين گرفتار ڪيو ويو. عيون اخبار الرضا ج١ ص٧٣

هارون رشيد امام کي بصري جي گورنر عيسىٰ بن جعفر بن منصور ڏانهن موڪليو ۽ امام عليه السلام ڪجهه وقت ان وٽ قيد رهيو .ليڪن عيسىٰ جلد ئي ان ڪم کان تنگ ٿي پيو ۽ هارون کي لکيائين ته امام کي ڪنهن ٻئي شخص جي حوالي ڪيو وڃي ورنه هو کيس آزاد ڪري ڇڏيندو .ڇاڪاڻ ته ان پوري عرصي ۾ هن امام خلاف هر بهانو ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ڳولي نه سگهيو آهي.

اها خاص ڳالهه جيڪا عيسىٰ پنهنجي خط ۾ لکي ٿو هيءَ آهي:

حَتّي اَنّي لاَسْتَمِعُ عَلَيهِ اِذا دَعا لَعَلَّهُ يدْعُو عَلَي اَوْ عَلَيکَ فَما اَسْمَعُهُ يدْعُو اِلاّ لِنَفْسِهِ يسْاَلَ اللهِ الرَّحْمَةَ وَ الْمَغْفِرَة.[1](ايستائين جو سندس دعائون غور سان ٻڌان ٿو ته ڪٿي توکي يا مونکي بددعا ڏيندو هجي ليڪن هو فقط پنهنجي لاءِ دعا گهري ٿو ۽ خدا کان پنهنجي لاءِ رحمت ۽ مغفرت جو طلبگار آهي)

اهو امام عليه السلام جي تمام گهڻي پرهيزگاري۽ پارسائي سان گڏ سندن ڳجهه ۽ تقيي کي ظاهر تي بهترين دليل آهي.

ان ڪانپوءِ امام کي فضل بن ربيع جي حوالي ڪيو ويو .جنهن وٽ امام طويل عرصي تائين قيد رهيو.ان کي امام عليه السلام جي قتل جو حڪم به ڏنو ويو پر هن انڪار ڪيو جنهن کان پوءِ امام عليه السلام کي فضل بن يحيىٰ جي قيد ۾ رکيو ويو. امام ان وٽ به ڪجهه عرصو رهيا. مورّخن جي روايت مطابق هو امام سان عزت ۽ احترام سان پيش آيو جڏهن هارون کي رقه ۾[2] اها خبر پئي ته امام عليه السلام

[1] - مقاتل الطالبين ص ٢٣٥

[2] -فرات جي اوڀارين پاسي هڪ شهر آهي (شايد مراد موجوده شام ملڪ ۾ واقع مشهور شهر رقه هجي . مترجم)

ان وٽ آرام، سڪون ۽ آزاديءَ سان رهي پيو تہ پنهنجي دربار ۾ حڪم ڏنائين تہ ان تي لعنت ملامت ڪئي وڃي تہ خليفي کي ڇو ناراض ڪيو اٿائين ڍ.ان ئي ڏوهہ ۾ ڪيس ١٠٠ ڪوڙا هنيا ويا. ان کان پوءِ امام کي هڪ ٻئي قيد خاني جي داروغي سندي بن شاهڪ جي حوالي ڪيو ويو.[١]

## حضرت امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام جي شهادت

روايت ۾ آيو آهي تہ:

ان واقعي تي يحيیٰ بن خالد پريشان ٿي ويو هئو ۽ هارون وٽ وڃي ڪري فضل بن ربيع جي ڪم تي عذرخواهي ڪيائين. خود هارون بہ چاهي پيو تہ امام عليہ السلام کي قتل ڪيو وڃي تنهن اهو ڪم سندي بن شاهڪ ذريعي انجام ڏنو .[٢]

يحيیٰ بن خالد جي امام عليہ السلام جي شهادت ۾ اهم ڪردار هجڻ بابت پڻ ڪجهہ روايتن ۾ وضاحت موجود آهي.

ابوالفرج ۽ ٻين جي روايت مطابق هو ظاهر ۾ ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ ليڪن حقيقت ۾ امام عليہ السلام کي شهيد ڪرڻ لاءِ بغداد ويو هئو .اها روايت ٻڌائي ٿي تہ هو اهو ڪم واضح نموني پنهنجي سر تي کڻڻ لاءِ تيار نہ هئو . پهريان بہ ٻڌائي چڪاسين تہ هشام بن حڪم جي واقعي کانپوءِ امام سان سندس دشمني

---

١ - مقاتل الطالبين ص ٣٣٦

٢ - ساڳيو: ص ٣٣٥

واضح هئي ان صورت ۾ ڪجھ روايتن ۾ جيڪو اهو آيو آهي تہ هو دلي طور امام کي چاهيندو هئو جنهن جي هارون کي خبر نہ هئي، صحيح نہ ٿو لڳي.

هڪ روايت ۾ امام رضا عليہ السلام کان سوال ٿيو تہ ڇا يحييٰ بن خالد اوهان جي والد کي زهر ڏنوهئو؟ تہ امام ان بابت ها ڪئي[1] . ان ڳالھ جي ٻيون روايتون بہ تاڪيد ڪن ٿيون. [2]

امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام جي شهادت بابت – جيئن اڪثر مورّخن گواهي ڏني آهي – ڪو بہ شڪ ناهي. ليڪن امام جي ڳجهي نموني شهادت ۽ بنو عباس جي حڪمرانن پاران ماڻهن ۾ اهو دغا ڀريو اعلان ڪرڻ تہ امام طبعي موت سبب انتقال ڪري ويا آهن،ڪجھ مورّخن تي اثر ڪيو جن پنهنجي ڪتابن ۾ امام جي وفات کي طبعي موت ذڪر ڪيو آهي . پوءِ "قيل" چئي سندن شهادت جو ذڪر ڪيو آهي.[3]

## امام عليہ السلام جي شهادت ڪيئن ٿي ؟

**ان بابت ٿي مختلف روايتون ذڪر ٿيون آهن**

١. امام عليہ السلام جي شهادت ڪين زهر ڏيڻ سبب ٿي .اهو مٿي ذڪر ٿيل امام رضا عليہ السلام جي روايت ۾ پڻ آيو آهي ۽ ٻيون روايتون بہ جيڪي

---

[1] - رجال ڪشي ص ٥٠٣

[2] - دلائل الامامۃ ص ١٤٧

[3] - ڏسو ڪتاب ابن خلڪان ج٥ ص٣١٠،عمدة الطالب ص١٩٦

يحييٰ بن خالد کي امام جي قتل جو ذميوار چون ٿيون ،ان ڳالهہ جي تاڪيد ڪن ٿيون

٢. امام عليه السلام کي هڪ غاليچي ۾ ويڙهي ايترو تہ زور ڏنو ويو جو سندن شهادت واقع ٿي وئي[1]

٣.هڪ ڪمزور روايت جيڪا مستوفي نقل ڪئي آهي ،اها بہ آهي تہ : شيعہ چون ٿا: هارون جي حڪم تي ٻڙڪايل شيهو سندن نڙيءَ ۾ وڌو ويو.[2] جنهن سان سندن شهادت ٿي.

البتہ مشهور روايت ڪين زهر ڏئي شهيد ڪرڻ واري آهي. باقي امام عليه السلام جي شهادت کانپوءِ سندن جسد کي عام ماڻهن جي اڳيان ڇو ڦٽو ڪيو ويو ؟ ان بابت بہ سبب بيان ڪيا ويا آهن

١. اربلي جي روايت مطابق سندي بن شاهڪ بغداد جي فقيهن ۽ وڏن ماڻهن کي جن ۾ ميثم بن عدي بہ هئو امام جي جسد تي ان لاءِ وٺي آيو تہ انهن کي ڏيکاري تہ امام جي جسم تي زخم،تشدد ۽ ڦاهيءَ جا اثر ناهن ۽ سندن وفات طبعي هئي.

٢. ڪجهہ شيعا سندن مهدويت جا معتقد هئا يا انهن ۾ اهو عقيدو پيدا ٿيڻ جو گمان موجود هئو تنهن ڪري امام جي جسد کي بغداد جي پل

[1] - مقاتل الطالبين ص ٣٣٦
[2] - تاريخ برگزيده ص ٣٠۴

تي زمين تي رکيو ويو. يحيىٰ بن خالد ڪجهہ ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ اهو نعرو هڻو تہ هيءُ آهي اهو موسىٰ بن جعفرعليہ السلام جنهن بابت رافضي عقيدو رکندا هئا تہ هو زنده آهي. ماڻهو آيا ۽ سندن جنازي کي ڏٺائون ۽ پوءِ سندن جنازي کي بغداد جي باب التين وٽ قريشين جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو [1]

شيخ صدوق جي روايت مطابق امام جي شهادت جي تاريخ ٢٥ رجب سن ١٨٣ هہ جڏهن تہ شيخ مفيد جي روايت مطابق ٢٤ رجب آهي جڏهن تہ مستوفي سندن شهادت ١٤ صفر لکي آهي.

## امام موسىٰ ڪاظم عليہ السلام پاران عباسي حڪومت سان مقابلي جا پيا پهلوءَ

هن وقت تائين جيڪو ڪجهہ بيان ٿيو ان کان علاوهہ امامعليہ السلام پاران عباسي ظالم حڪمرانن خلاف ڳجهي جنگ ۽ مقابلي جا پيا بہ ڪوڙ سارا نمونا موجود آهن.

جيتوڻيڪ اهي قدم حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ تہ شايد ڪافي نہ هجن ليڪن انهن ذريعي حڪومت کي ناحق ثابت ڪرڻ کان علاوهہ ماڻهن جو ان حڪومت تان اعتماد کڄڻ جو سبب بڻيا پئي.کنهن بہ مقابلي جو بنياد تعاون نہ ڪرڻ آهي جيڪو حڪومت جي ناجائز هجڻ تي بيٺل آهي.هڪ حڪومت خلاف ماڻهن ۾ اهڙي قسم جي سوچ (تہ اها ناجائز آهي) جو ڦهلجڻ ان لاءِ هڪ

---

[1] - ڪشف الغمہ ج ٢ ص٢٣٤

وڏو خطرو حساب ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته جڏهن ماڻهن جي نظر ۾ هڪ حڪومت ناجائز سمجهي وڃي ته عين ممڪن آهي ته ماڻهو ان حڪومت خلاف انقلاب آڻين يا اهڙي انقلاب جي حمايت ڪن.

ان ڳالهه جو تاريخي مثال صفوان بن مهراڻ جمّال بابت آيل روايت آهي.

“جڏهن هو امام ڪاظم عليه السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته پاڻ کيس فرمايائون:يا صَفْوانُ كُلُّ شَئٍ مِنْكَ حَسَنٌ جَميلٌ ما خَلا شيئاً واحِداً.(تنهنجا سڀ ڪم پيلا آهن سواءِ هڪ ڪم جي) صفوان پڇيو اهو ڪهڙو ڪم آهي؟

امام عليه السلام فرمايو: اِكراءُكَ جِمالَكَ مِن هذَا الرَّجُلِ يَعْني هارُونَ. (هن ماڻهوءَ (يعني هارون) کي اٺ ڪرائي تي ڏيڻ)

صفوان چيو: ته هن پنهنجا اٺ کيس عيش عشرت يا شڪار لاءِ ناهن ڏنا، بلڪه مڪي سفر ڪرڻ لاءِ ڏنا اٿس جڏهن ته هو پاڻ به ان سفر ۾ شريڪ ناهي بلڪه ان لاءِ به ڪجهه ماڻهو مزدوريءَ تي رکيا اٿائين.

امام عليه السلام فرمايو:يا صفوانُ اَيَقَعُ كِراءُكَ عَلَيهِم؟ ڇا تون سمجهين ٿو ڪين اٺ ڪرائي تي ڏيڻ صحيح آهي؟

صفوان چيو: هاصحيح آ ،ته امام عليه السلام کيس چيو:اَتُحِبُّ بَقائُهُمْ حَتّي يَخْرُجَ كِراءُكَ؟ ڇا تون چاهين ٿو ته جيستائين هو تو کي ڪرايو ڏين زنده رهن ؟

صفوان چيو ها،امام عليه السلام فرمايو:فَمَنْ اَحَبَّ بَقائَهُم فَهُوَ مِنْهُمْ وَ مَنْ كانَ مِنْهُمْ كان وردَ النّار.(جيڪو سندن زندهه رهڻ کي پسند ڪري هو انهن مان آهي ۽ جيڪو انهن مان ٿيو جهنم ۾ ويندو.)

ان واقعي ڪانپوءِ صفوان پنهنجا سيئي اُٺَ کپائي ڇڏيا.جڏهن ان بابت هارون ڪائنس سوال ڪيو ته چيائين: هاڻي مان پوڙهو ٿي ويو آهيان ۽ نوڪر به صحيح ڪم نه

تا ڪن. هارون چيو مون کي خبر آهي تہ ڪنهن جي چوڻ تي اهو ڪم ڪيو اٿئي .توکي موسيٰ بن جعفر عليہ السلام ان ڪم تي مجبور ڪيو آهي. هن چيو تہ منهنجو ان سان ڪهڙو ڪم؟

هارون چيو : دَعْ عَنْكَ هذا فَوَاللهِ لَولا حُسنُ صُحْبَتِكَ لَقَتَلْتُكَ. اهي ڳالهيون ڇڏي ڏي ،خدا جو قسم جيڪڏهن اسان جي پراڻي دوستي نہ هجي ها تہ توکي قتل ڪري ڇڏيان ها.” [١]

امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام طرفان پنهنجي تمام شيعن لاءِ سواءِ انهن شيعن جي جيڪي سندن ئي حڪم تي حڪومت سان رابطي ۾ هئا ـ اهڙي قسم جو هر عام حڪم مٿي ذڪر ٿيل حڪومت سان مقابلي جو هڪ پهلوءُ هئو.

جڏهن تہ مقابلي جو ٻيو پهلوءُ عباسي حڪومت ۾ امام عليہ السلام پاران علي بن يقطين جي حفاظت ڪرڻ هئو، تہ جيئن ان وسيلي شيعن کي گرفتارين ۽ تڪليفن کان نجات ڏئي سگهن. علي بن يقطين جو شمار، امام جي انهن ساٿين مان ٿيندو هئو جن جو عباسي حڪومت ۾ تمام گهڻو اثر هئو . هو مهدي ۽ هارون جي دور ۾ تمام گهڻو با اثر هئوءِ پنهنجي ان اثر کي شيعن جي فائدي لاءِ استعمال ڪندو هئو .

شروع ۾ جڏهن هن امام عليہ السلام کان حڪومت جي نوڪري ڇڏڻ جي اجازت گهري تہ امام عليہ السلام کيس اها اجازت نہ ڏني ۽ فرمايو:

---

[١] - رجال ڪشي ص٤٤١

لا تَفْعَلْ فِانَّ لَنا بِکَ اُنْساً وَلِا خوانِکَ بِکَ عِزّاً وَ عَسیٰ اَنْ یَجْبِرَ اللّٰهُ بِکَ کَسْراً و یَکسِربِکَ نائِرَةَ الْمُخالِفینَ عَنْ اُوْلیائِہِ یاعَلِي کَفّارَة اَعْمالِکُم اَلْاِحْسانُ اِلي اِخْوانِکُم.[1]

اهو ڪم نہ ڪر ڇاڪاڻ تہ اسان تنهنجي اتي هجڻ سان مانوس ٿي چڪا آهيون ۽ تون پنهنجي ڀائرن لاءِ عزت آهين . شايد خدا تنهنجي ذريعي تنهنجي دوستن جي نقصان کي پورو ڪري يا انهن جي دشمنن جي سازشن کي ناڪام بڻائي.اي علي! توهان جي گناهن جو ڪفارو پنهنجي (ديني) ڀائرن سان نيڪي ڪرڻ آهي.

هڪ ٻئي روايت ۾ آيو آهي تہ امام کيس جواب ڏنو:

لا لَکَ المَخْرُج مِنْ عَمَلِهِم وَ اتَّقِ اللّٰهَ.[2] نہ ،تووٽ اهو ڪم ڪرڻ ڪانسواءِ چارو ناهي .خدا کان ڊڄندو رهہ.

هڪ ٻئي جاءِ تي آيو آهي تہ جڏهن امام عراق آيو تہ علي بن يقطين کين چيو: مون کي افسوس آهي جو توهان کي ان حال ۾ ڏسي رهيو آهيان تہ امام کيس فرمايو:

يا عِلِيُّ اِنَ لِلّٰہِ تَعالي اَوْلياءً مَعَ اَولِياءِ الظَّلَمةِ يدْفَعُ بِهِمْ عَنْ اَوْليائِہِ وَ اَنْتَ مِنْهُم يا عَلِي.[3] اي علي : ظالمن جي ساٿين۾، الله جا اهڙا محب آهن جيڪي الله جي حبدارن کان برائيءَ کي پري ڪندا آهن ۽ تون انهن مان آهين.

يا هڪ ٻئي نقل مطابق:

---

[1] - بحار الانوار ج٤٨ ص ١٣٦

[2] - قرب الاسناد ص ١٢٦

[3] - رجال ڪشي ص ٤٣٣

اِنَ لِلهِ مَعَ كُلّ طاغِيةٍ وَزيراً مِنْ اَوْليائہ يدْفَعُ بِہِ عَنْهُم.[1] (الله جا هر جابر وٽ اهڙا دوست آهن جيڪي سندس حبدارن کان مصيبتون دور ڪندا آهن.)

امام عليه السلام جو علي بن يقطين سان رابطي جي صحيح ۽ ضروري هجڻ تي تاڪيد ۽ اهڙي نموني سندن مٿيان جملا خاص ڪري آخري جملو اهو ٻڌائي ٿو تہ عليه السلام ان رابطي کي شيعن جي دفاع لاءِ استعمال ڪندا هئا. علي بن يقطين لاءِ تمام گهڻيون چغليون ڪنيون ويون ليڪن هن تقيي ۽ امام ڪاظم عليه السلام جي رهنمائيءَ وسيلي ان مان جان ڇڏائي.[2] اهڙي نموني ڪجهہ مذهبي مسئلن ۾ جن جو حڪومت شڪارٿيندي هئي ڪوشش ڪندو هئو تہ امام ڪاظم عليه السلام جي راءِ مطابق عمل ڪري.[3]

امام عليه السلام پاران حڪومت خلاف ڳجهي ويڙهہ جو هڪ نمونو، وڪامجي ويل فاسد عالمن سان مقابلو ڪرڻ هئو جيڪي درٻاري عالم هئا ۽ انهن ماڻهن جو وجود، حڪومت جو ماڻهن اڳيان جائز هجڻ جو سبب بڻجي پيو تنهنڪري حڪومت وٽ اهڙن ماڻهن جي وڏي اهميت هئي.

هڪ حديث ۾ رسول الله صلى الله عليه وآله فرمايو آهي تہ :

اَلْفَقَهاءُ اُمَناءُ الرّسُل ما لَمْ يَدْخُلُوا فِي الدُّنْيا.[4] فقيهہ جيستائين دنيا ۾ داخل نہ ٿين نبين جا امين آهن.سوال ٿيو تہ اهي دنيا ۾ ڪيئن داخل ٿيندا تہ پاڻ فرمايائون:

---

[1] -رجال ڪشي ص ٤٣٥

[2] - ارشاد ص ٣٧٤،٣٧٥

[3] - تفسير عياشي ج ١ ص ١٨٥

[4] - بحارالانوار ج ص٣٦

اِتّباعُ السُّلْطانِ فَاِذا فَعَلُوا ذٰلِکَ فَاحْذَرُوهُم عَلي اَدْيانِکُم.(حاڪمن جي پيروي جڏهن ائين ڪن ته انهن کان پنهنجي دين بابت خوف ڪائو.)

اهڙن عالمن جو مثال اهي ماڻهو هئا جن کان هارون امام جي موت کي ثابت ڪرڻ لاءِ فائدو ورتو ۽ انهن جي ظاهري چهري ذريعي ماڻهن کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي.

## عقائدي بحث ۽ علمي ۽ سياسي مسئلا

انهن مذهبن مان جيڪي پهرئين صدي هجريءَ جي آخر ۾ پيدا ٿيا ۽ ان ڪانپوءِ اسلامي معاشري ۾ فڪري جهيڙن ۾ وڏو حصو بڻيا،هڪ مذهب "اعتزال" به هئو. هن مذهب جو بنيادي عنصر، ديني مسئلن جي خالص عقل جي روشنيءَ ۾ توجيه ڪرڻ هئو. "واصل بن عطاء" ۽ "عمرو بن عبيد" ان مذهب جا مکيه اڳواڻ هئا.

ديني مسئلن جي عقلي بنياد تي توجيه اهڙي ڳالهه نه هئي جنهن جو شيعا انڪار ڪندا هجن. ليڪن اهم نڪتو اهو هئو ته ديني مسئلن کي اهڙي نموني عقل جي حوالي ڪرڻ جو عقل انهن جي تجزئي ۾ حد کان وڌي وڃي. اهڙو ڪم نه هئو جنهن مان گهربل نتيجا ملي سگهن . جنهن جو مثال مختلف قسم جا اهي عقيدا آهن جيڪي فقط عقل تي ياڙيندڙن، توحيد بابت پيش ڪيا آهن.جن ۾ ڪڏهن متضاد صفتن کي خدا ڏانهن نسبت ڏيڻ آهي ته ڪڏهن وري قرآن جي واضح بيان باوجود ڪجهه صفتن کي ان کان جدا ڪرڻ آهي.

سندن عقلي تشريحون شيعن کي انهن ڏانهن مائل ٿيڻ جو سبب بڻجي سگهن پيون. جيتوڻيک هشام بن حکم جهڙا ماڻهو اکيلا به انهن جو مقابلو ڪري سگهن پيا. تنهن ڪري شيعن جي امامن عقل ڏانهن توجهه باوجود هڪ مخصوص ۽ مقرر حد تائين ئي عقل کي ديني مسئلن ۾ استعمال جي اجازت ڏين هئي. خاص ڪري اهڙن مسئلن ۾ جن ۾ حد کان وڌيک غور ڪرڻ انسان لاءِ وڏن مسئلن جو سبب بڻجي پيو. بالخصوص الله سائين جي صفتن جي باري ۾ عين ممکن هئو ته انسان ڪفر ،انڪار ۽ معطليءَ جي حد تائين وڃي پهچي.

امام موسىٰ ڪاظم عليه‌السلام جي زماني ۾ اهڙي قسم جون تاويلون تمام گهڻيون هيون. لهذا الله سائينءَ جي صفتن ۽ ان جهڙن موضوعن جي سلسلي ۾ امام عليه‌السلام بهترين ۽ انتهائي اهم نصيحتون ڪيون آهن . جن مان هڪ هيءَ آهي:

جڏهن امام کان الله جي صفتن بابت سوال ٿيو ته فرمايائون: لا تَجاوَزُوا عَمّا فِي الْقُرآنِ.[1] جيڪو قرآن ۾ موجود آهي ان کان قدم اڳتي نه وڌايو ۽ ٻين لفظن ۾ فرمايائون : لا تَتَجاوَزْ فِي التَّوْحيدِ ما ذَکَرَهُ اللهُ تَعالي في کِتابِہِ فَتَهْلَک.[2] توحيد جي باري ۾ جيڪو ڪجهه الله تعالىٰ پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي،ان کان قدم اڳتي نه وڌايو.

هڪ ٻئي روايت ۾ آيو آهي:

---

[1] - المحاسن ص ٢٣٩، اصول كافي ج١ ص١٠٢

[2] - توحيد ص٧٦

انَّ اللّٰهَ اَعْلي وَ اَجَلُّ وَ اَعْظَمُ مِنْ اَنْ يبْلَغَ كُنْهُ صِفَتِهِ فَصِفُوهُ بِما وَصَفَ بِهِ نَفْسَهُ وَ كُفُّوا عَمّا سِوي ذٰلِكَ.[1](الله سائين ان کان وڌو ۽ اعلىٰ آهي جو ڪو سندس صفتن جي حقيقت کي سمجهي سگهي. تنهنڪري ڪيس ائين سڃاڻو جيئن پاڻ کي ٻڌايو اٿائين ۽ ان کانسواءِ ٻين تان هٿ ڪڍو.)

جڏهن پاڻ خدا جي صفتن جو ذڪر ڪرڻ چاهيندا هئا ته فقط قرآن مجيد ۾ ذڪر ٿيل مضمونن کي بيان ڪندا هئا ۽ اڳتي قدم نه وڌائيندا هئا.[2]

جڏهن ته ٻئي طرف اهل حديث ـ جيڪي “مشبهه” هئا ۽ قرآن جي آيتن ۽ روايتن جي ظاهري لفظن ذريعي الله سائينءَ جي لاءِ انساني ۽ مادي صفتون ناهيندا هئا ـ سان مهاڏو اٽڪائي خدا کي هر قسم جي تشبيهه ۽ مادي صفتن کان پاڪ ثابت ڪندا هئا. [3]

جڏهن ڪين چيو ويو ته ڪجهه ماڻهن جو اهو عقيدو آهي ته خدا دنيا جي آسمان تي نازل ٿيندو ته فرمايائون:

اِنَّ اللّٰهَ لا ينْزِلُ وَ لا يحْتاجُ اِلي اَنْ ينْزِلَ اِنَّما مَنْظَرُهُ فِي الْقُربِ وَ الْبُعْدِ سَواءٌ.[4](الله نازل نه ٿيندو، نه ئي ان جي خدا کي ڪا ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته ويجهو ۽ پري ٻئي خدا جي نظر ۾ هڪ جهڙا آهن.)

---

[1] - اصول ڪافي ج١ ص ١٠٥

[2] - توحيد ص ٧٦

[3] -توحيد ص ٩٩،٩٧،٧٥

[4] - اصول ڪافي ج ١ ص ١٢٥ ،احتجاج، ج ٢ ص ١٥٦

خدا جي صفتن بابت امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام کان انتهائي عميق ۽ املهه ڳالهيون نقل ٿيون آهن[1]

عقائدي مسئلن بابت اهڙا ٻيا به ڪيترائي مثال امام عليه السلام کان روايتن ۾ نقل ٿيا آهن جن جو هدف، عام طور معتزله ۽ اهل حديث جي مقابلي ۾ - جيڪي افراط ۽ تفريط جو شڪار هئا - شيعه عقيدن جي وضاحت ڪرڻ هئو.

جبر ۽ اختيار واري مسئلي ۾ به امام عليه السلام کان تمام مضبوط ۽ سهڻا دليل نقل ٿيا آهن جيڪي امام عليه السلام اهل سنت جي امام اعظم ابو حنيفه اڳيان پيش ڪري ڪيس گوڏا ٽيڪڻ تي مجبور ڪيو هئو.

---

[1] -توحيد ص ١٤١، ١٤٧، ١٧٥، ١٧٨، ١٨٣

# باب پيون

## حضرت امام موسیٰ ڪاظم

(عليہ السلام)

## جون چاليهہ حديثون

۱. قالَ عليہ السلام : أفضَلُ العِبادَةِ بَعدِ المعرِفَةِ إنِتِظارُ الفَرَجِ[1]

معرفت کان پوءِ بهترين عبادت ٻارهين امام جي ظهور جو انتظار آهي

۲.قالَ عليہ السلام : رَحِمَ اللهُ عَبْدا تَفَقَّہ، عَرَفَ النّاسَ وَلايَعْرِفُونَہ.[2]

الله سائين رحمت نازل ڪري ان ٻانهي تي جنهن علمِ دين سکيو ،ماڻهن کي سڃاتو ليڪن ماڻهو ڪائنس غافل آهن.

۳. قالَ عليہ السلام : ما قُسِّمَ بَيْنَ الْعِبادِ اءفْضَلُ مِنَ الْعَقْلِ، نَوْمُ الْعاقِلِ اءفْضَلُ مِنْ سَهَرِالْجاهِلِ.[3]

ماڻهن ۾ عقل کان وڌيڪ بهتر شيءِ نہ ورهائي آهي ، عقل مند انسان جي ننڊ جاهل جي راتين جي جاڳڻ کان وڌيڪ بهتر آهي.

۴. قالَ عليہ السلام : إنَّ اهْلَ الاْ رْضِ مَرْحُومُونَ ما يخافُونَ، وَ اءدُّوا الاْ مانَةَ، وَ عَمِلُوا بِالْحَقِّ.[4]

---

[1] - تحف العقول، ص۴۰۳

[2] - نزهة النّاظر و تنبيہ الخاطر حلواني : ص ۱۲۲،ح ۲.

[3] - تحف العقول : ص ۲۱۳

[4] - تهذيب الاحڪام : ج ٦، ص ۳۵۰،ح ۹۹۱

زمين وارا جيستائين الله كان ڊڄندا رهن، امانت دار ۽ حق تي عمل كندا رهن ، سندس رحمت جي سائي ۾ رهندا.

٥. قالَ عليه السلام : بِئْسَ الْعَبْدُ يَكُونُ ذاوَجْهَيْنِ وَ ذالِسانَيْنِ.[١]

بدترين انسان اهو آهي جيكو ٻه چهرا ۽ ٻه زبانون ركي ٿو. (يعني جيكو سامهون هكڙو ۽ پرپٺ ٻيو آهي).

٦. قالَ عليه السلام : اَلْمَغْبُونُ مَنْ غَبِنَ عُمْرَهُ ساعَةً.[٢]

هر اهو انسان گهاٽي ۾ آهي جنهن جي عمر، هڪ لمحي لاءِ ٻه بيهوده گذري ٿي

٧ . قال عليه السلام : مَنِ اسْتَشارَ لَمْ يَعْدِمْ عِنْدَ الصَّوابِ مادِحا، وَ عِنْدَالْخَطا عاذِرا.[٣]

جيكو انسان مشوري سان كم كري ٿو جيكڏهن كامياب ٿيو ته سندس تعريف كئي ويندس ۽ جيكڏهن ناكام ٿيو ته سندس عذر قبول كيو ويندو.

٨ .قالَ عليه السلام:مَنْ لَمْ يَكُنْ لَهُ مِنْ نَفْسِهِ واعِظٌ تَمَكَّنَ مِنْهُ عَدُوُّهُ يعني الشّيطان .[٤]

جيكو شخص پنهنجي نفس كي پاڻ نصحيت نه كري (ضمير جو سڏ نه ٻڌي) شيطان مٿس حكومت كندو.

---

١ - تحف العقول : ص ٢٩١

٢ - نزهة الناظر و تنبيه الخاطر حلواني : ص ١٢٣، ح ٦

٣ - ساڳيو: ص ١٢٣، ح ١٣

٤ - ساڳيو: ص ١٢٤، ح ١٥.

٩. قالَ عليہ السلام : لايخلُو المُؤمِنُ مِنْ خَمْسَةٍ: سِواكٍ، وَمِشْطٍ، و سَجّادَةٍ، وَ سَبْحَةٍ فيها ارْبَعٌ وَ ثَلاثُونَ حَبَّة، وَ خاتِمُ عَقيقٍ.[١]

مومن پنجن شين کان خالي ناهي هوندو : ڏندڻ، کنگو، مصلّو، ٣٤ داڻن واري تسبيح ۽ عقيق جي منڊي

١٠. قالَ عليہ السلام : لاتَدْخُلُواالحَمّامَ عَلَى الرّيقِ، وَلاتَدْخُلُوهُ حَتّى تُطْعِمُوا شَيْئا.[٢]

خالي پيٽ حمام ۾ داخل نہ ٿيو (غسل نہ ڪريو) ۽ ڪا شيءِ کائڻ بغير بہ ان ۾ داخل نہ ٿيو (يعني پيٽ ڀريل ۽ خالي پيٽ واري حالت ۾ حمام نہ وڃو)

١١. قالَ عليہ السلام : اِيّاكَ وَالمِزاحَ، فَاِنَّہُ يَذْهَبُ بِنُورِ ايمانِكَ، وَيَسْتَخِفُّ مُرُوَّتَكَ.[٣]

(بيجا بيهوده) مذاق کان پاسو ڪريو ڇاڪاڻ تہ اها توهان جي ايمان جي نور کي ختم ڪيو ڇڏي ۽ عزت آبرو کي گهٽائي ٿي.

١٢. قالَ عليہ السلام : اللَّحْمُ يُنْبِتُ اللَّحْمَ، وَالسَّمَكُ يُذيبُ الجَسَدَ.[٤]

---

١ - بحارالانوار: ج ٩٨، ص ١٣٦، ح ٧٦

٢ - وسائل الشّيعة : ج ٢، ص ٥٢، ح ١٤٥٤

٣ - وسائل الشّيعة : ج ١٢، ص ١١٨، ح ١٥٨١٢

٤ - وسائل الشيعة : ج ٢٥، ص ٧٨، ح ٢١٢٤٠

گوشت،گوشت (۽ چربي) وڌائي ٿو ۽ مڇي (چربي) ۽ جسم(جي گوشت) کي ڳاري ٿي.

**١٣. قالَ علیہ السلام : مَنْ صَدَقَ لِسانُہٗ زَکی عَمَلُہٗ، وَ مَنْ حَسُنَتْ نِیَّتُہٗ زیدَ فی رِزْقِہِ، وَ مَنْ حَسُنَ بِرُّہٗ بِاخْوانِہِ وَ اهْلِہِ مُدَّ فی عُمْرِہِ.** [١]

جنهن جي زبان سچ ڳالهائي ٿي ان جا عمل پاڪ ٿين ٿا، جنهن جي نيت ڀلي هجي تنهن جي رزق ۾ اضافو ٿئي ٿو،جنهن پنهنجي (ديني) ڀائرن ۽ گهر وارن سان نيڪي ڪئي تنهن جي عمر ۾ اضافو ٿئي ٿو.

**١٤. قالَ علیہ السلام : إِذَا مَاتَ الْمُؤْمِنُ بَکَتْ عَلَیْہِ الْمَلَائِکَةُ وَ بِقَاعُ الْأَرْضِ الَّتِي کَانَ یَعْبُدُ اللہَ عَلَیْهَا** [٢]

جڏهن مومن جي وفات ٿئي ٿي ته ان تي ملائڪ ۽ زمين جا اهي حصا روئن ٿا جتي الله جي عبادت ڪئي اٿائين

**١٥. قالَ علیہ السلام : الْمُؤْمِنُ مِثْلُ کَفَّتَيِ الْمِیزانِ کُلَّما زیدَ فی ایمانِہِ زیدَ فی بَلائِہِ.** [٣]

---

١ - تحف العقول : ص ٣٨٨، س ١٧

٢ - اصول ڪافي : ج ١، ص ٣٨

٣ - تحف العقول : ص ٣٠١

مومن تاراجي (ساهميءَ) جي ٻن پلڙن وانگر آهي جيترو سندس ايمان وڌندو اوترو ئي سندس امتحان وڌندو.

١٦. قالَ عليہ السلام : مَنْ اَرادَ انْ يكونَ اقْوىَ النّاسِ فَلْيَتَوَكّلْ علَى اللهِ.[١]

جيڪو ماڻهو چاهي ٿو سڀني کان وڌيڪ طاقتور ٿئي ته کيس گهرجي ته الله تي ڀروسو رکي

١٧. قالَ عليہ السلام : اداءُ الاْ مانَةِ وَالصِّدقُ يَجْلِبانِ الرِّزْقَ، وَالخْيانَةُ وَالْكِذْبُ يَجْلِبانِ الْفَقْرَ وَالنِّفاقَ.[٢]

سچائي ۽ امانتداري انسان جي رزق ۾ اضافو ڪن ٿيون. جڏهن ته ڪوڙ ۽ خيانت غربت ۽ منافقت آڻين ٿيون.

١٨. قالَ عليہ السلام : ابْلِغْ خَيْرا وَ قُلْ خَيْرا وَلاتَكُنْ إمَّعَة [٣]

نيڪي ڪريو ڀلو ڳالهاءِ ۽ لاپرواهه ۽ غير ذميوار نه ٿي.

[١] - بحارالانوار: ج ٧٥، ص ٣٢٧،ح ۴.
[٢] - تحف العقول : ص ٢٩٧
[٣] - ساڳيو : ص ٣٠۴،

١٩. قالَ عليہ السلام : تَفَقَّهُوا فی دينَ اللّٰهِ، فَإنَّ الْفِقْهَ مِفْتاحُ الْبَصيرَةِ، وَ تَمامُ الْعِبادَةِ، وَ السَّبَبُ إلَى الْمَنازِلِ الرَّفيعَةِ وَالرُّتَبِ الْجَليلَةِ فِی الدّينِ وَالدُّنيا. [١]

الله جي دين جو علم حاصل ڪر، بيشڪ علم دين، بصيرت جي چاٻي، عبادت جو ڪمال ۽ دنيا ۽ آخرت جي اعلیٰ منزلن ۽ بلند مقامن تائين پهچڻ جو ذريعو آهي

٢٠. قالَ عليہ السلام : فَضْلُ الْفَقيهِ عَلَى العابِدِ كَفَضْلِ الشَّمْسِ عَلَى الْكَواكِبِ، وَ مَنْ لَمْ يَتَفَقَّهْ فی دينِهِ لَمْ يَرْضَ اللّٰهُ لَهُ عَمَلاً. [٢]

عابد مٿان عالم جي فضيلت ائين آهي جيئن سج جي تارن مٿان فضيلت. جيڪو شخص الله جي دين جي ڄاڻ نہ ٿو رکي، الله سندس عملن تي راضي ناهي

٢١. قالَ عليہ السلام :عَظِّمِ العالِمَ لِعِلْمِهِ وَدَعْ مُنازَعَتَهُ،وَ صَغِّرِ الْجاهِلَ لِجَهْلِهِ وَلاتَطْرُدْهُ وَلٰكِنْ قَرِّبْهُ وَ عَلِّمْهُ. [٣]

---

[١] - ساڳيو : ص ٣٠٢

[٢] ساڳيو : ص ٣٠٣،

[٣] - تحف العقول : ص ٢٠٩

عالم جي سندس علم جي ڪري عزت ڪر ۽ ساڻس جهيڙو نہ ڪر ،جاهل کي اهميت نہ ڏي ليڪن ڪيس تڙ بہ نہ ڪر،بلڪہ ڪيس قرب ڏي ۽ علم سيکار.

٢٢. قالَ عليہ السلام : صَلوةُ النّوافِلِ قُرْبانٌ اِلَى اللهِ لِكُلِّ مُؤمِنٍ.[١]

نافلہ نمازون هر مومن کي الله جي ويجهو ڪن ٿيون.

٢٣. قالَ عليہ السلام : مَثَلُ الدّنيا مَثَلُ الْحَيَّةِ، مَسُّها لَيِّنٌ وَفى جَوْفِهَا السَّمُّ الْقَاتِلِ، يَحْذَرُهَاالرِّجالُ ذَوِى الْعُقُولِ وَيَهْوى اِلَيْهَاالصِّبْيانُ بِاَيْدِيهِمْ.[٢]

دنيا جو مثال نانگ وانگر آهي، جنهن جي ٻاهران کَل نرم ۽ وٽندڙ آهي ليڪن سندس پيٽ ۾ زهر قاتل آهي. عقلمند ان کان ڊڄندا رهن ٿا (۽ ان کان پاسو ڪن ٿا) جڏهن تہ (بي عقل) ٻار ان ڏانهن جذب ٿين ٿا.

٢۴. قالَ عليہ السلام : مَثَلُ الدُّنيا مَثَلُ ماءِالْبَحْرِ كُلَّما شَرِبَ مِنْہُ الْعَطْشانُ اِزْدادَ عَطَشا حَتّى يَقْتُلَہُ.[٣]

دنيا جو مثال سمنڊ جي پاڻيءَ وانگر آهي جنهن مان اڃايل جيترو پيئندو اوتري سندس اڃ وڌندي ويندي ايستائين جو سندن جان وٺي.

---

[١] - وسائل الشيعة : ح ۴ ص ٧٣، ح ۴۵۴٧.

[٢] - بحارالانوار: ج ١، ص ١۵٢، ضمن ح ٣٠.

[٣] - تحف العقول : ص ٢٩٢

٢٥. قالَ عليہ السلام : انَّ الحَرامَ لا يَنمی وان نُمِیَ لا يُبارَکُ فيہِ [١]

بيشڪ حرام مال وڌندو ناهيءَ جيڪڏهن وڌندو تہ ان ۾ برڪت نہ هوندي آهي

٢٦. قالَ عليہ السلام : مَنْ نَظَرَ بِراءِيِہِ هَلَکَ، وَمَنْ تَرَکَ اهْلَ بَيْتِ نَبِيِّہِ ضَلَّ، وَمَنْ تَرَکَ كِتابَ اللهِ وَ قَوْلَ نَبِيِّہِ كَفَرَ. [٢]

جنهن (دين ۾) پنهنجي راءِ هلائي هلاڪ ٿي ويو، جنهن آل رسول (عليهم السلام) کي ڇڏيو، گمراهہ ٿيو، جنهن الله جي ڪتاب ۽ نبي جي قول (سنت) کي ڇڏيو، سو ڪافر ٿيو .

٢٧. قالَ عليہ السلام : انَّ اللهَ لَيُبْغِضُ الْعُبْدَ النَّوّامَ، إ نَّاللهَ لَيُبْغِضُ الْعُبْدَالْفا رِغَ. [٣]

الله سائين گهڻي ننڊ ڪندڙ ۽ بيڪار ماڻهوءَ کي دشمن سمجهي ٿو.

٢٨. قالَ عليہ السلام : التَّواضُعُ: انْ تُعطِيَ النّاسَ ما تُحِبُّ انْ تُعطاهُ. [٤]

تواضع جي معنیٰ اها آهي تہ ماڻهن لاءِ اهو ڪم ڪرين جيڪو چاهين ٿو تہ هو تهنجي لاءِ ڪن .

---

[١] - اصول ڪافي ، ج ۵، ١٢۵

[٢] - اصول ڪافي : ج ١ ص ٧٢ ح ١٠

[٣] - وسائل ج ١٧ ص ۵٨ ح ۴.

[٤] - وسائل الشّيعة : ج ١۵، ص ٢٧٣، ح ٢٠۴٩٧.

۲۹. قالَ عليہ السلام : يُسْتَحَبُّ غَرامَةُ الْغُلامِ فی صِغَرِهِ لِيَكُونَ حَليما فی كِبَرِهِ وَ يَنْبَغی لِلرَّجُلِ انْ يُوَسِّعَ عَلی عِيالِهِ لِئَلاّ يَتَمَنَّوْا مَوْتَہ.[1]

بهتر آهي ته ٻارن کي ننڍپڻ کان وڏن ڪمن کي انجام ڏيڻ تي عادي بڻايو ته جئين وڏا ٿي بردبار ٿين ۽ ماڻهوءَ کي گهرجي ته پنهنجي گهر وارن کي سهولت (۽ آسائش) ۾ رکن ته جيئن اهي سندس موت جي تمنّا نه ڪن.

۳۰. قالَ عليہ السلام : لَيْسَ مِنّا مَنْ لَمْ يُحاسِبْ نَفْسَہُ فی كُلِّ يَوْمٍ، فَإِنْ عَمِلَ حَسَنا اسْتَزادَ اللّٰہ وَ انْ عَمِلَ سَيِّئا اسْتَغْفَرَاللّٰہَ وَ تابَ اِلَيْہِ.[2]

جيڪو انسان هر روز پنهنجو محاسبو نه ڪري سو اسان مان نه آهي ،جيڪڏهن (ان ڏينهن) چڱو ڪم ڪيو اٿائين ته الله سائين ان ۾ اضافو ڪندو ۽ جيڪڏهن برو عمل ڪيو اٿائين ته الله سائين سندس مغفرت فرمائيندو

۳۱. قالَ عليہ السلام : لِكُلِّ شَيْيءٍ دَليلٌ وَ دَليلُ الْعاقِلِ التَّفَكُّر.[3]

هر شيءَ لاءِ نشاني آهي ۽ عاقل جي نشاني سوچ ويچار ڪرڻ آهي.

---

[1] - ساگيو: ج ۲۱، ص ۴۷۹، ح ۲۷۸۰۵.
[2] - ساگيو: ج ١٦، ص ۹۵، ح ۲۱۰۷۴
[3] - تحف العقول : ص ۲۸۵

۳۲. قالَ عليہ السلام : ما فِی الْميزانِ شَيْءٌ اثْقَلُ مِنَ الصَّلاةِ عَلی مُحَمَّدٍ وَآلِ مُحَمَّدٍ.[۱]

قيامت جي ڏينهن عمل جي تور ۾ ڪابہ شيءِ محمد و آل محمد (عليهم السلام) مٿان درود موڪلڻ کان وڌيڪ نہ هوندي.

۳۳. قالَ عليہ السلام: قَليلُ الْعَمَلِ مِنَ الْعاقِلِ مَقْبُولٌ مُضاعَفٌ وَكَثيرُالْعَمَلِ مِنْ اهْلِ الْهَوى وَالْجَهْلِ مَرْدُودٌ.[۲]

عاقل جو ٿورو عمل قبول ۽ ٻيڻو اجر رکي ٿو، جڏهن تہ جاهل ۽ نفساني خواهشن جي پيروي ڪرڻ واري جو گهڻو عمل بہ قبول نہ آهي.

۳۴. قالَ عليہ السلام: وَشَعْرُالْجَسَدِ إذا طالَ قَطَعَ ماءَ الصُّلْبِ، وَارْخَى الْمَفاصِلَ،وَ وَرِثَ الضَّعْفَ وَالسِلَّ[۳]

جيڪڏهن جسم جا (اضافي) وار وڌي وڃن تہ مردانگيءَ جو پاڻي ڪٽيندو، هڏن جي جوڙن ۾ سستي،ڪمزوري ۽ سهڪو آڻيندو،

---

۱ - اصول ڪافي : ج ۲، ص ۴۹۴، ح ۱۵.

۲ - تحف العقول : ص ۲۸٦، بحارالانوار: ج ۷۰، ص ۱۱۱، ح ۱۴.

۳ - وسائل الشّيعة : ج ۲، ص ٦۵، ح ۱۴۹۹

٣٥. قالَ عليہ السلام: ثَلاثَةٌ يَجْلُونَ الْبَصَرَ: اَلنَّظَرُ إِلَى الْخُضْرَةِ، وَالنَّظَرُ إِلَى الْمَاءِ الْجَارِى، وَالنَّظَرُ إِلَى الْوَجْهِ الْحَسَنِ.[١]

ٽي شيون اکين جو نور وڌائن ٿيون: ساوڪ،هلندڙ پاڻي ۽ سهڻي چهري تي نظر.

٣٦. قالَ عليہ السلام : إِنَّ الأَرْضَ لا تَخْلُو مِنْ حُجَّةٍ، وَ انَا وَاللهِ ذالِکَ الْحُجَّةُ.[٢]

زمين ڪڏهن بہ الله سائينءَ جي حجت کان خالي ناهي رهندي .خدا جو قسم! (هن وقت) آئون الله جي حجت آهيان.

٣٧. قالَ عليہ السلام : سُرْعَةُ الْمَشْيِ تَذْهَبُ بِبَهاءِ الْمُؤْمِنِ.[٣]

ڊوڙڻ سان مومن جي آبرو ۽ شان شوڪت هلي وڃي ٿي .

٣٨. قالَ عليہ السلام : إِنَّمَا امِرْتُمْ انْ تَسْئَلُوا، وَلَيْسَ عَلَيْنَا الْجَوابُ، إِنَّمَا ذلِكَ إِلَيْنا .[٤]

توهان کي (اسان اهلبيت (ع) کان ) سوال ڪرڻ جو حڪم آهي ليڪن اسان تي جواب ڏيڻ واجب ناهي. (جيڪڏهن) اسان (مصلحت ڏني سين تہ) جواب ڏينداسين. (ورنہ خاموش رهنداسين)

---

١ - وسائل الشّيعة : ج ٥، ص ٣٤٠، ح ٣، محاسن برقي : ص ٦٢٢، ح ٦٩.

٢ - اصول ڪافي ج ١ ص ١٧٩ ح ٩.

٣ - خصال : ج ١ ص ٩ ح ٣٠.

٤ - مستدرڪ الوسائل : ج ١٧، ص ٢٧٨، ح ٣٥.

٣٩. قالَ عليہ السلام : ماذِئْبانِ ضارِيانِ فی غَنَمٍ قَدْ غابَ عَنْہُ رُعاؤُها ، بِاضَرَّ فی دينِ مُسْلِمٍ مِنْ حُبِّ الرِّياسَةِ.[١]

ڪرسيءَ سان محبت جو خطرو مسلمان لاءِ بي ڌنار رڍن جي ڌڻ تي ٻن بگھڙن کان بہ وڌيڪ آهي.

٤٠. قالَ عليہ السلام : الايمانُ فَوْقَ الاْسْلامِ بِدَرَجَةٍ، وَالتَّقْوی فَوْقَ الايمانِ بِدَرَجَةٍ، وَالْيَقينُ فَوْقَ التَّقْوی بِدَرَجَةٍ، وَما قُسِّمَ فِی النّاسِ شَیْیءٌ اَقَلُّ مِنَ الْيَقينِ.[٢]

ايمان آڻڻ،مسلمان ٿيڻ کان هڪ درجو وڌيڪ آهي ۽ تقويٰ ايمان کان هڪ درجو مٿي آهي. جڏهن تہ يقين تقويٰ کان هڪ درجو وڌيڪ آهي. جڏهن تہ ماڻهن ۾ يقين کان گهٽ ڪابہ شيءِ تقسيم نہ ڪئي وئي آهي.

---

[١] - وسائل الشّيعة : ج ١٥، ص ٣٥٠، ح ١، مستدرڪ : ج ١١، ص ٣٨١، ح ١

[٢] - وافي : ج ٤، ص ١٤٥، ح ١، بحارالانوار: ج ٦٧، ص ١٣٦، ح ٢.

# مددي كتاب

۱. الاحتجاج
۲. الاختصاص
۳. الارشاد
۴. اعلام الورى
۵. اصول كافي
۶. اكمال الدين
۷. امالي صدوق
۸. بحار الانوار
۹. تاريخ بغداد
۱۰. تاريخ برگزيده
۱۱. تاريخ فخري، ترجمه گلپايگاني
۱۲. تاريخ يعقوبي
۱۳. تحف العقول
۱۴. تفسير ابن كثير
۱۵. تفسير عياشي
۱۶. التهذيب
۱۷. تهذيب التهذيب
۱۸. تهذيب الاحكام
۱۹. حياة الامام موسى بن جعفر
۲۰. حياة السياسية للامام الحسن
۲۱. الخرائج والجرائح
۲۲. خصال
۲۳. الدرّ المنثور
۲۴. دلائل الامامة
۲۵. رجال كشي
۲۶. روضة الواعظين
۲۷. سرالسلسلة العلويه
۲۸. شذرات الذهب
۲۹. شرح نهج البلاغه ابن ابي الحديد
۳۰. صفة الصفوة
۳۱. الصواعق المحرقة
۳۲. عمدة الطالب
۳۳. عيون اخبار الرضا
۳۴. الغيبة نعماني
۳۵. فرق الشيعه
۳۶. الفصول المختاره
۳۷. كامل الزيارات
۳۸. كتاب ابن خلكان
۳۹. قرب الاسناد
۴۰. كشف الغمه
۴۱. المحاسن
۴۲. مرآة الجنان
۴۳. مروج الذهب
۴۴. مسند الامام الكاظم
۴۵. مستدرك الوسائل
۴۶. مقاتل الطالبين
۴۷. ميزان الاعتدال
۴۸. نزهة النّاظر و تنبيه الخاطر حلواني
۴۹. نور الابصار
۵۰. وسائل الشّيعة
۵۱. وفيات الاعيان
۵۲. ينابيع المودة

## اچو تہ گڏجي خدمت ڪريون

اسان الھدیٰ فائونڊيشن پاڪستان طرفان اوھان کي دعوت ڏيون ٿا تہ اسان جي انقلابي پروگرام "ھر مسجد ھڪ ڪتابخانو" ۾ شريڪ ٿي، اسان جي مدد ڪريو ۽ دنيا ۽ آخرت جي سعادت ماڻيو! توھان اسان جي مدد ڪري سگھو ٿا:

- جيڪڏھن اوھان جي علائقي ۾ ڪا شيعہ مسجد آھي ۽ اتي ڪتابخانو نہ آھي تہ ان جي ايڊريس اسان تائين پھچائڻ ذريعي!
- جيڪڏھن اوھان وٽ ڪجھ اھڙا اضافي ڪتاب آھن جيڪي اوھان پڙھي ڇڏيا آھن ۽ ھاڻي اھي توھان جي استعمال ۾ نہ آھن،سي اسان تائين پھچائڻ ذريعي!
- پنھنجا يا پنھنجي اداري جا ڇاپيل ڪتاب اسان جي ھن پروگرام ۾ شامل ڪرڻ ذريعي!
- پنھنجي مرحومين جي ايصال ثواب لاءِ ديني ڪتاب خريد ڪري ڏيڻ ذريعي!
- پنھنجي مرحومين جي ايصال ثواب لاءِ الھدیٰ فائونڊيشن جا ڪتاب ڇپرائي ڏيڻ ذريعي!

جيڪڏھن اوھان ھن نيڪ ڪم ۾ اسان جي مدد ڪرڻ چاھيو ٿا تہ ڪتاب ۾ درج ايڊريس ذريعي اسان سان رابطو ڪريو

والسلام

